

نيرانا ئي نيڻ - مريم مجيدي

نيرانا ئي نيڻ

(شاعري)

مريم مجيدي

سچائي اشاعت گهر
2012ع

سنڌ سلامت
ڪتاب گهر

سنڌ جا سڄڻو سلام ....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءِ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **چوهٺ (64)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”نيرانا ئي نيڻ“** لاڙ پٽ جي مشهور شاعره **آپا مريم مجيدي** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سڄاول جي سهڻي دوست سارنگ حبيب چانڊيو صاحب جا جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. هي ڪتاب **سچائي اشاعتي گهر دڙو** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

نيرانا ئي نيڻ، نيئي آچ پرين کي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جہ ڏٺو منهن محبوب جو!

شاهه

نيرانا ئي نيڻ مون، سڪ جا اُپري سج لٿا،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، جذبا ڪين ٿڪا،
ساهہ ۾ سور سٿا، اکيون مرڪن آس ۾!

مريم مجيدي

ارپنا

تنهن جي!!!
اَمرت تِجَ سُتي،
۽ تنهن جي!!!
پيار جي ڇانوَ
جن آ مون کي نرماڻ ڏنو
سُرت ۽ ساڃاهہ
ڏاهپ, ڏانءُ
سو سڀ **ارپيم!**
منڙي امان جيجل '**نورجهان**'
عظيم بابا '**مجيدي**' **محمد خان**
۽
اوهان پيارن جي
نانءُ!!!

سَٿاءَ

❖ مهاڳ : شاهه عبداللطيف ڀٽائي 07
❖ پنهنجي پاران: يوسف سنڌي 08
❖ پيم جا پروڙ: مريم مجيدي 09

- غزل 14
- نظم 75
- گيت 204
- وائي 217
- بيت 244
- ٻہ سٽا / اڊائي اکر 249
- ٽرويني / ٽيڙو 256
- چئو سٽا / پنج سٽا 265
- ترائيل 280

مهاڳ

ڏٿ نہ ڪَنُو ڏوٿين، جيڪي ڏُٿ ڪرين،
اُهڃاڻيون عالم جون، اوريائين آڻين،
تهان پوءِ ڏسينِ، پريان سندي ڳالهڙي!

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح)

پنهنجي پاران

منهنجي سدائين اها خواهش رهي تہ سنڌ جي تمام وڏي شاعرا محترمہ مريم مجيديءَ جو شعري مجموعو ”سچائي اشاعت گهر“ پاران ڇپرايان، اڄ جڏهن سندس شعري مجموعو ”نيرانا ئي نيڻ“ ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچي رهيو آهي تہ هڪ قسم جي خوشي ۽ اطمينان جو احساس پيو ٿيئم.

سنڌ جي عورت شاعرائن ۾ مريم مجيديءَ جي سڃاڻپ ٻين شاعرائن کان منفرد رهي آهي، سندس شاعري نہ رڳو فني لوازمات ۾، پر سندس خيالن جي اُڏام ۽ ڊڪشن بہ ٻين سنڌي شاعرائن جي ڀيٽ ۾ منفرد رهيو آهي. مريم مجيديءَ جي شاعريءَ جو ڪئنواس نهايت وسيع ۽ مريم مجيديءَ جي شاعري جو لينڊ اسڪيپ سنڌ جو لينڊ اسڪيپ آهي.

محترم مريم مجيديءَ نہ رڳو هڪ ڪُهنہ مشق شاعرا آهي، پر پاڻ هڪ بهترين مقالا ۽ مضمون نگار پڻ آهي، وٽس لڳ ڀڳ ٻن ڪتابن جيترو نثر جو مواد پڻ موجود آهي، جيڪو پڻ جلد ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪبي.

محترم مريم مجيديءَ جو پهريون شعري مجموعو ”سروم دکم دکم“ اڄ کان ٽيهارو کن سال اڳ ڇپيو هو ۽ جيڪو پڻ هاڻ مارڪيٽ ۾ موجود ڪونهي. اسان ڪوشش ڪنداسين تہ جلدئي ”سروم دکم دکم“ جو ٻيو ڇاپو بہ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي.

يوسف سنڌي
16-07-2012
03013640468

پيم جا پروڙا!

منهنجي پهرئين شعري مجموعي، ”سروم دکم“ کان هينئر تائين وڏو وقت واريءَ جيئن هٿن مان وهي ويو آهي، انهيءَ وچ واري وٿي ۾ ڪڏهن ڪلا جي تخليق رُڪل رهي ته ڪڏهن وري وسڪاري وانگر وسندي رهي، ائين ذات جي سفر جو پريت پريو پورهيو ”نيرانا ئي نيڻ“ جي شعري مجموعي سان پنهنجن سيني سلڇڻن ۽ سياويڪ پاٺڪن کي آرپي رهي آهيان!

آئون پنهنجي وجود وانگر، پنهنجي شاعري جي صنف تي پڻ ششدر رهندي آئي آهيان، شاعري آهي ڇا ۽ ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ اهو ڪهڙو جذبي جو ساهس ۽ صنفي فن آهي، جو نثر جي وڏي وستار کي غزل جي رڳو ٻن اَمر ساهتڪ سٽن ۾ سموئي ڇڏي ٿو اشارن ڪناين جي ڪونئري رمز رکندي سچ ۾ حقيقت جون حڪايتون ۽ تُز تلميحون رچي وڃي ٿو. آئون اهو به ويچاريندي آهيان ته ڪلاڪيتر جي پهرئينءَ ڪوي ڪهڙي ريت ۽ ڪهڙي اَڻ جهل اُڌمي هٿان پروس ٿي يا ڪنهن حسين تصور تي هرڪجي شعر جوڙيو هوندو! ڪيئن في البديهه ادراڪ کي اسلوب جا اکر ارپيا هوندا ۽ پوءِ ان لا شعوري احساس کي شعوري ڪوشش سان ڪنهن رچنا جي شڪل ۾ جوڙي ۽ جانڪي ويو هوندو! اهڙا ڪوڙ خيال مون لاءِ اڪثر مونجهه ۽ ماندڪائيءَ جو ڪارڻ ٿيندا رهن ٿا. پر منهن جو ان ڳالهه تي پختو ويساهه

www.sindhsalamat.com

آهي ته شاعري جو بي اختيار عمل هئڻ ۾ ڪو به شڪ نٿو رکي سگهجي، هي بنهه انوکو اَڻ ڏٺو ڇهاءُ رکندڙ عشق جهڙو اثر آهي، جو اوچتو اندر پيهي مون کان ڪجهه لکائي وڃي ٿو.

جيئن هوئڻ کي مُٺ ۾ پڪوڙڻ ممڪن نٿو ٿئي!
جيئن خوشبو کي ساهن ۾ سنڀالي نٿو رکي سگهجي!
تيئن هن اُڌمي / اُمنگ جي ابتدا کي پسڻ ۽ پروڙڻ ممڪن ناهي، البت محسوسات جي انتهائي اونهائيءَ تائين آتما هن جي هئڻ جي دليل کي ميڃي وٺي ٿو. جيڪو جذبو تخليقڪار جي اندر ۾ اوسر وٺي شاعري جي ارتقا جو منطق ۽ مظهر ٿيو پوي. جنهن کي ذات ڏٽيءَ جي خود شناسي جو عمل اُجاري وڃي ٿو. بهترين ذاتي تصور، مشاهدو مثبت مثالي سوچ شاعري جو سرمايو ۽ سونهن ثابت ٿين ٿا. لوڪ فطرت جي ساڃاهه وري فني اسلوب جي اظهار کي آدرشي انداز بخشي ٿو. ائين ڪويتا، قلم ڏٽيءَ جي اندر توڻي ظاهري شخصيت جي عڪاس / سمبل بنجي وڃي ٿي.

بلاشڪ! شاعري جي صنف جماليات جي سونهن، ضمير جو سچ ۽ احساس جي موسيقي جي اهڙي ڌُن آهي، جا انساني دلين ۾ ڌمال جيئن وڄي ٿي، ميران جي پوڄا واري پڪار آهي، جا سوچ ۽ لوچ جي يڪتاري تي وجدان جا سُر وکيري ٿي، انساني زندگي جي ارتقا ۽ وشالتا تائين آزاديءَ جو اُتساهه، غلامي لاءِ ڪروڌ، ڪڌاين لاءِ نفرت، ماڻهپي جي ميتا، ذهني سجاڳي، انساني عظمت جو حسن، پيار، مانَ، مريادا، نياءُ، اَمن، سک، شانتي، خوشحالي ۽ حب الوطني جهڙن اڪيچار اعليٰ / آدرشي قدرن جي اُپٽار، عشق ۽ وڇوڙي جو ورد، مظلوم ۽ ظالم جو فرق، محڪوم ۽ حاڪم جي سڃاڻپ، درد ۽ پيڙا جي ماجرائن جون سموريون تخليقي صلاحيتون ۽ صفتون، ذات جي جرئت ۽ سونهن جو فلسفو ٿين ٿا. ان ۾ شامل انقلابي سچو اجتماعي قوميت جو نظريو هن کي دائمينت / آفاقيت جو درجو ڏيئي ڇڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com

منهنجو ديس جيڪو صدين کان سورن جي سنگھرن ۾ سوڙهو ڪيو پيو وڃي، منهن جي سنڌ ڌرتي جنهن جي مقدس مٽي جي تلڪ سان ئي قلم جي ڌاتارن کي تحرڪ ۽ مزاحمت جو ڏانءُ مليو ٿو. هن سرزمين جي مهانتا آڏو هر سرجڻهار سيس نمائي ان کي چمڻ جي چاهنا کي بندگي بنائيندو رهيو آهي، ان هوندي سنڌ امڙ جي نيور نيڻن ۾ لڇندڙ سالن جي نا اميدي / نراسائي ۽ دل جي دانهن جو هينئر تائين ڪو حلِ، ڪو دارونِ، ڪو درمان نہ لهي سگهيو آهي. استحصالي قوتن جي ڏاڍاين ۽ ڌارين جي دلبي، دهمان کان نجات ۽ روڪ جو ڪو ڏڳ پڻ ڳولي ناهي سگهيو.

هاڻي حالتن جي ڳنڀيرتا ويتر ويساهہ وسوڙيل سنڌواسين کي ورچائي ۽ وياڪل ڪندي وڃي. سنڌي ماڻهون ۽ ٻولي سان سنئون سنواٽو بہ اکيائي روا رکي پئي وڃي ۽ قومي وحدت تي وار ٿي رهيا آهن. پر قوم ۾ ايڪتا ۽ ٻڌي جو ٻَل پيدا ٿي نہ سگهيو آهي. ديس تي چانيل ڏکهي ڪاري رات، صبح جي اُجڙيل سينڌ ۽ سنڌي / مارو ماڻهن جا هَٻڇيل هانوَ هيٺا حال ۽ مايوس مُک ڏسي سچو قلمڪار قلب جي ڪينواس تي پور پور ٿيندڙ من پاوناٺن کي ميڙي پنهنجن مڙني ذاتي مسئلن ۽ مونجهارن کان پرانهون ٿي رڳو قومي مقصد ڪارڻ عوامي سجاڳي جا سانباها ڪري ٿو. حق ۽ سچ جي سوڀ جو اڻ ڏريو سالار بنجڻ هن جو بنيادي فرض بنجي پوندو آهي، اهڙي وقت ڏونگر ڏوريندڙ ڏات کي رڳو وندر / وروڻهن ۽ رڌم / لئي جي سرتال تي سنڀالڻو ناهي، پر زميني حقيقتن پٽاندڙ اکين ۾ چڀندڙ انساني عذابن تي احتجاج ڪرڻو سماجي صدمن جي سنگينن کي ساهن جي اونهاين سان سهيڙڻو ۽ اِتهاس جي المين جي لقاءُ کي پوري ريت پروڙڻ، اَڻوٽت روين خلاف مزاحمت ڪرڻ ۽ قومي سگهہ جا ڪيپ ڪٽائڻ بہ هن جي ذميداري ۾ شامل ٿئي ٿو. پنهنجي تهذيب، سڀيتا، لوڪ ادب / ڏاهپ ۽ شهري توڙي ٻهراڙي ماحول جو امينَ بنجي وڃڻ پنهنجي ادبي ادراڪ، شعور، جذبي، خيال ۽ تجربي جي سچائي سان حال ۾ رهي ويچارڻ ۽ ماضي سان ڳانڍاپو قائم رکي

مستقبل جي حالتن ۽ انديشن جو سونهون بنجڻ بہ شاعر جي فڪري دانش جو ورثو ٿئي ٿو. جنهن جي آڏار شاعري فطرت جو لڪل ڳُجهہ ۽ زندگي جي تضادن جو تنقيدي تصور پيش ڪرڻ جو آڳانجهو ثابت ٿئي ٿي، سگهاري ڏات جي ڪارائتي ڪارج سان ئي انسانيت کي هاڃو رسائيندڙ نفرتن، دولابن، دهشتن ۽ نا انصافين کي هڪالي سگهڻ ممڪن ڪري سگهجي ٿو.

ڌرتي جي گولي تي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي علم / ادب جو انوکو جهان آهي، جنهن ۾ سنڌي شاعري وري قديم کان جديد دور تائين دنيا ۾ سرس ۽ مڃتا جوڳو مقام رکي پنهنجو جدا اصول، اسلوب ۽ آهنگ اختيار ڪندي اچي ٿي. هن جون پاڙون ڌرتي جي پاتال مان اُسرن ٿيون، جن مان انساني حيات کي مليل مرڪزيت جوجوهر نمايان نظر ايندو. هن سموري وچورَ ۾ منهنجا شعر ڪهڙي پاڳي تي بيٺل آهن، ان جا پارکو ۽ نقاد پڙهندڙ ٿيندا. آئون ايترو چونديس تہ مون ليکڪا جي ذميداريءَ سان جيڪي ۽ جيئن ڏٺو ٻڌو ۽ سرجڻهاري سگهہ سان محسوس ڪيو، ان کي انهيءَ ايمانداري سان بنا ڪنهن رک رکاءُ جي شاعري جي صورتگري جو سنيهو بنائي اوهان اڳيان آندو آهي، جن کي منهنجي ڏات جو سچ ۽ احساسن / نظرين جو اولڙو چئي سگهجي ٿو. البت ڪو وڏو فلسفو ڪَا مبالغي جي حد تائين ڳوڙهي ڳالهہ ناهي، منهنجي ڏات مون کان ڌار اوپري ناهي، جنهن خواب، خيال ۽ مقصد کي منهنجي ڏات غلط يا صحيح سمجهيو آهي، ان کي منهنجي ذات ائين ئي دل سان قبوليو آهي. مون پنهنجي انفرادي ۽ اُچت واٽ ورتي آهي، جيڪا ليکڪ جي پنهنجي خاص سڃاڻپ ٿئي ٿي.

مون سنڌ ڄاين کي شاهہ جي سورمين جهڙن جيئرن روپن ۾ پسيو آهي ۽ ميران وانگر وِهہ جا ڍُڪ پريندي، مرندي ۽ جيئندي ڏٺو آهي، مون وڇوڙي جي بي انت سنسار کي پنهنجي ڏات آڏار اُڪري پار ڪيو آهي. هاڻ منهنجي ڏات مون کي موت کان ڏاڍو بنائي ويئي آهي. ها! هيءَ منهنجي

شاعري مون کي هن بي بقا پونءَ تي آمرتا ۽ اهڙي دائمي حيات بخشي رهي آهي، جيڪا مون پڇاڙان بہ لافاني ۽ هن جڳ ۾ جيئري رهندي، ازل تائين منهنجي ٻولي ۽ سنڌ ڌرتي سان گڏ!

پنهنجي پياري ڀاءُ ڊاڪٽر سهيل مجيّدي ۽ احترام لائق وڏي ڀيڻ حنيفه مجيّدي جن جون سهڻيون صلاحون ۽ دلچسپي شعري مجموعي جي سهيڙڻ جو سبب ثابت ٿيون آهن. سنڌيا جتوئي جون هن ننڍي جمار ۾ منهنجي شعرن کي ميڙڻ سهيڙڻ ۾ محبت جو هٿ ونڊائڻ مون کي حوصلو ڏيندو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ گهڻن پائرن جون نيڪ تمنائون پڻ ڀاڳي پائيوار رهيون آهن. جن ۾ خاص ڪري اياز امر شيخ جو نالو سڀ کان مٿاهون آهي. وڏا پال پنهنجي ڀاءُ يوسف سنڌيءَ جا مجبا جنهن جو پورو ساٿ ۽ پنهنجائپ جو سهڪار هن ڇپائي جي مرحلي ۾ مون سان رهندو اچي. اڄ منهنجو پهريون شعري مجموعو "نيرانا ئي نيڻ" اوهان جي نيڻ نهار ۾ آهي!

ساٿ سلامت!   جيئي سنڌ!

مريم مجيدي

سجاول

27 مئي 2012ع

غزل

چپن کان وچوڙيون کھاٽيون، کٿائون،
رڳو لفظ گونگا اسان جون صدائون.

اسان جي اگھڙ تي اُداسي جا سانوڻ،
ورهہ چانورا ۽ اُجايل گھٽائون.

ڪيئي خواب نيڻن ۾ چاپن مرن پيا،
ائين ساپيان کي ڏين پيا سزائون.

اجا تون مسافر پڇاريل پڃَڻن جو
اجا ياڳ پٿڪن پيون پاوَ نائون.

اوهان پت ڪيڏي جفا جي رکي آ!
اوهان کان ڏڪاريون سدائين وفائون.

اڙي! او زمانا! رُسن اڄ پيي راٽا،
مرن موملون ۽ ٻَرن پيون چٽائون.

اسان جي ٻَتيءَ ۾ ازل جون شڪستون،
وياکل چمارون، مچايل خطائون.

تڏهن آس سرحد ڏکن جي لتاڙي،
جڏهن سچ چميون پيي شفق جون جٽائون.

چنڊ تارن ۾ زندگي آهي.
رات ۾ ڪجهہ تہ روشني آهي.

چو وچوڙي جا سمنڊ تانگھيون پيا؟
پنهنجي وچ ۾ ٻہ ڪا وٿي آهي!

هيڏيون ويران دل جون دنيائون!
چڙ تہ دردن جي رُت لٿي آهي.

سوجهرن کي سڏيو تہ روئي وٺون،
اک ۾ پاڻي جي لپ ٻَتي آهي.

ڪيڏيون ڪاهون صدين کان عزت تي،
سنڌ پوءِ پيي سَتي جتي آهي.

سچ تنهنجي وشال جهولي ۾،
پنهنجي جذبن جي اک لڳي آهي.

○

اسين جي ٿڪاسون، سهارا ٿڪي پيا،
بنا جر نديءَ جا، ڪنارا ٿڪي پيا.

گمانن ۾ گم ٿي اسان کي نہ ڳوليو،
اسان کي وڃائي، سگهارا ٿڪي پيا.

جڏهن ٿي وياسون، اسان چنڊ چوڏهين،
عرش تي اُڏامي، ستارا ٿڪي پيا.

رتوڇاڻ جذبا لڪائي رکون ڇو؟
ڪري گهاءُ دل جا، اشارا ٿڪي پيا.

نڪي جوت جهرمر نڪا مڌ اسان وٽ،
ڪٽي نيڻ ڏنوسين، نظارا ٿڪي پيا.

اڇو هاڻ ماٺيون سکن جي ڪا سورٺ،
زخم جي قفس ۾ پنارا ٿڪي پيا.
○

سچ کي انسان ۾ ڳوليون پيا،
ڪوڙ ڇڻ ايمان ۾ ڳوليون پيا.

سڪ جون ڏس گهورپون ڪيئن پيا رکون!
قرب قبرستان ۾ ڳوليون پيا.

پهر، پل، گهڙيون ۽ ٽاٽا سک جا،
ڏک جي شمشان ۾ ڳوليون پيا.

چيٽ کان چاندوڪيون وڇڙي ويون،
چنڊ ڪنهن چوءَگان ۾ ڳوليون پيا.

لوچ پهتي سوچ جي پاتال ۾،
درد کي درمان ۾ ڳوليون پيا.

چاهتن جي چنگ کان وسريو وڄڻ،
تند ڪا طوفان ۾ ڳوليون پيا.

پونءَ جي پاڪر ۾ پڙڪي باهہ ٿي،
آشتي گهمسان ۾ ڳوليون پيا.

وقت جي ڏس ڏاڍ مڙسي، اي سڄڻ!
اُلفتون احسان ۾ ڳوليون پيا.

پني بهار ۾ چميون،
اسان گلاب جون اکيون.

اسان جي دل اجا ڳُهري،
حسين گهڙيون سي چلوليون.

تڪي پئي نينهن جي نظر،
سِڪن ٿيون ساهه جون گهتيون.

سنيها چنڊ کي چئي،
ڏڙي، تڙيو تا گل ٿيون.

جتي ٿي ماٺ وچي پڏي،
اسان اُتان تا سڏ ڏيون.

جنونَ ياد ۾ اسين،
وڃايو پاڻ تا جيون.

غزل وٽن پيا جوڳ سپ،
سچار سوچون بي چيون.

خواهشن جي راڄ ۾،
اميدون هاڻ اڏ چريون.

تو نگري آ عشق جي،
عقل رڳو تلهيون ٿڳيون.

❍

ساجهر ڪان پئي ڦرڪي اک،
جهونا جذبا مار نہ جک.

ساروٽين ۾ شرمائن ٽا،
ٻانهياري ڪي ٻيلي ٻک.

چِپ چٽر ۾ چٽيل چت،
ڇهري تي ڪيڏي چک مک!

گل سڱنڌ آ جوڀن ونت،
سواس سمورا پوڙها کک.

سام رکي وئي ساعت ڪا،
سڪ جا ڪي اَڻ ڳٽيا لک.

پٽ ڏٽيءَ جي سٽ جي آڏو،
ڏيهہ سڄي جي ڏاهپ رک!

○

نيراناڻي نيڻ - مريم مجيدي

ڳلن تان جي ڳٽن ڳوڙها، لڪيرون درد جون آهن،
نظم ڪي پيو نکاري نينهن، تحريرون درد جون آهن.

اکين ۾ عڪس اُداسي جو، چپن تي مرڪ اُڌاري،
ڏکن جي شاهوڪاري آ، جاگيرون درد جون آهن.

نئين دنيا چا اڏبي؟ ڊهن پيا شهر خوشين جا،
سهيڙيون ڪئين پلا ساپيان، تعبيرون درد جون آهن.

ڇُمي ويا پير چولين کي ڪنارا ٿي پيا زخمي،
سمونڊي سير جا سجدا ۽ ويرون درد جون آهن.

ٽڳي تهذيب کي پيو وقت، ڏسو تاريخ جون ڊوڙون،
ٿئي ويساهہ پيو قيدي، زنجيرون درد جون آهن.

اسان جي ديس جي ناري، اجا پڳوان پئي ڳولي،
ڪٿي ڪيئن پاڳ جي بازي، تقديرون درد جون آهن.

محبت جو صنم ٿي وئين، ڪڏهن منهنجو خدا ٿي ڏس،
ثوابن تي گناهن جون تعذيرون درد جون آهن.

اسان جي هر ڪويتا جو استعارو تون ئي تون آهين،
مٺي اي! سنڌ تنهنجون سڀ تصويرون درد جون آهن.

باغي اڄ ويساھ بڻيو آ،
سچ جو ڪوڙ پناھ بڻيو آ.

سچ جو سارو سينو ڪارو،
اونڌھ جو گجگاھ بڻيو آ.

چلڪن چيرا چاتيون ڀيرا،
گولين ساڻ نباھ بڻيو آ.

ڄُوف وڪوڙ يا سوچون، جذبا،
پيسو ساھ پساھ بڻيو آ.

سمجهي ڪير ۽ سمجهائي ڇا؟
چور چڱو ٿي شاھ بڻيو آ.

دل جي ڏرتيءَ دوزخ ھاڳون،
درد دکي آڙاھ بڻيو آ.

پاڇولن سان پيار ڪيوسين،
پنهنجو چاھ گناھ بڻيو آ.

○

نہ ڪعبو نہ ڪليسا نہ ئي مندر سمجهو،
دل خدا جو نہ، پنهنجو گهر سمجهو.

وقت جي جاودان جهنم ۾،
درد کي روح جو ثمر سمجهو.

گهر، دريون، در مئل آهن،
پنهنجون وستيون سيئي پڌر سمجهو.

چاڻ جي ڄرّ ٿي ڇٽي تارون،
خوف هر رات جو سحر سمجهو.

ماڻهپي جي بي انت مرگهٽ ۾،
عشق کي ڪجهہ تہ معتبر سمجهو.

○

پاڻ هن دور جي مقدر ۾
جڻ ڏيئو ڪو اداس مندر ۾.

ها، انڌيري جو انت ڳولي پيو
ڪو بتيلي تي شاهه بندر ۾.

ڪنهن جي نيڻن جي رول پاڳن جيان،
سانوٽيون شل رُلي وڃن تر ۾!

سچ جي سچ ڪي ڪيستائين پلا!
ڪو لڪائي رڪي برف جي گهر ۾!

○

عشق جي ارڏائي اسين
نصيب جي نهنائي اسين.

غمن جي چانيل رات آ
اميد جي اُجرائي اسين.

انا، هٺ ۽ اهنڪار تون،
پريت جي پسورائي اسين.

ڏکويو سامراجي سڪن،
سهپ جي سرهائي اسين.

اسان جَڳ ڪي جوڙيون جنت
جنون جي گهتتائي اسين.

سچل جي ڪافي ۽ غزل
وِرهه جي پڙ وائي اسين.

رقابت جي ماحول ۾
قبر جي تنهائي اسين!

○

سار تنهنجي، چاهه منهنجو
سڪ اوکي، ساهه سهنجو.

هر خوشي ۽ ڪاميابي،
آهي اُن جي، تون به جنهنجو.

بي رخي جون پاونائون،
ڪو به ناهي ميت ڪنهنجو.

ڳالهه ڪر مون ساڻ منهنجي،
چا؟ پُڇو تا هِن جو هُن جو!

پاڻ ڪي پيا پاڻ ڳوليون،
ڏس مليو ڪو ناهه پنهنجو.

○

www.sindhsalamat.com

سڪن ڏانهن ڏکن جي پڄاڻان وڃون ٿا.
اسان ماڳ پنهنجي ڏي پاڻان وڃون ٿا.

اسان سونهن، ساپيان ۽ سچ جي سفر تي،
ٻڌل چئوڪنيا ته به اُڏاڻا وڃون ٿا.

ڪبيون پاڻ ۾ پيهي پنهنجون پُڄائون،
اوهان کان اوهان جا ٿي ماڻا وڃون ٿا.

نه مارن ۾ جهانگين، نه سانگين سنڀارون،
سڄي لوڪ کان ڪيئن لڪاڻا وڃون ٿا.

چڙئي چاهه سان گڏ ڪو ويساهه آهي،
ڪلهن تي کڻيو پاڻ گهاڻا وڃون ٿا.

سزائن جزائن جي دنيا ته اڳتي،
حشر جا ڏئي هت پُڄاڻا وڃون ٿا.

اڙي عشق! ڏس تهمتن جي ننگر ۾!
وڏي ڳاٽ ڪيئن وڏ گهراڻا وڃون ٿا.

○

www.sindhsalamat.com

بي لباس خوابن کي ڪا ريشم جي تقدير ڏئي وڃ،
سپ ڪو سپنو ساپيان ماٽي، اک اک کي تعبير ڏئي وڃ!

پاڳ اپاڳ جي صحرا ۾ ڪا آڙ جهل آس اُمنگ ڦٽي،
سچ ارادن جو ڪو اُپري، باغي ڪا تدبير ڏئي وڃ.

ماٺهن جي ويرانَ جهنگل ۾ جيون ويڳاٽپ ۾ وڃايو،
ٿوري ئي پر پنهنجائپ جي کل، خوشي ۽ اُڪير ڏئي وڃ!

وعدن جي هٽ موسم بدلي هيل وفا جي پت جهڙ آهي،
قربن جرڳو ڪوٺايو آ، شاهد عشق اسير ڏئي وڃ!

ڪالهه ڪتابن ۾ جو پڙهيوسين، جذبن ۾ اڄ دفن ويو ٿي،
ورق ورائي ڳولي ڦولهي، هڪڙو لفظ ضمير ڏئي وڃ!

نينهن نيارو پنهنجو ناهي، ساڳيا تون ۽ مان پيي سائين!
مانَ رڳو آ مٽيءَ جو، پاڻان خاڪ خمير ڏئي وڃ!

آدرشن جي اوکي پنڌ ۾ ڪيڏيون ُمڪون قتلام ٿيون،
اناالحق چئي اناالحق جو نعرو ۽ تڪبير ڏئي وڃ!

○

www.sindhsalamat.com

پيار تنهنجي پچار ۾ جاڳون،
ڪنهن ڳجهي اختيار ۾ جاڳون.

دار تي جا ڏيئا ڏيئا ٿي ٻري،
تنهن سپاڳي قطار ۾ جاڳون.

ڪوڪ ڪوئل جو ڪرب ڄاڻون ٿا،
زندگيءَ جي پڪار ۾ جاڳون.

ٿر جي مڙني اُداس راتين ۾،
پونءَ پتڪيل بهار ۾ جاڳون.

مست موکي بنايون جي ٻه هتي،
تنهن اک جي خمار ۾ جاڳون.

ڪونج ڪرڪي ٿي جا ٻه ڪانپي تي،
او سکي! ان سنپار ۾ جاڳون.

○

www.sindhsalamat.com

سنڌ جهڙو آدرشي عڪس،
منهنجي لڪٽين جهڙو شخص.

آس ڏسي تي آرس موڙي،
جذبا جهومي ڪن ٿا رقص.

پاڻ گلابن وانگر مهڪي،
صبح جهڙي سوچ وٺس.

هو ته بلاشڪ! پارس آهي،
سون ڪري وئي سڪ سندس.

دل تي سار صحيفو پنهنجي،
تات تلاوت ورد اٿس.

قيد اکين کي ڪيو اوجاڳن،
ڳالهه ڳوڙهن جي تي بيوس.

وقت پلي ڏونڏاڙي ڪيڏو!
عشق ڪٽيندو سوپ اوس!

○

ساهه ڪان معصوم سڪ جون ساعتون چو ٿا ڪسيو؟
زندگيءَ جي ڳاڙهي ڳل تان چاهتون چو ٿا ڪسيو؟

رات جي سنگين اک مان ڪو ٿتي تارو پيو،
مات جو ڏک مختصر پر آٿتون چو ٿا ڪسيو؟

هٿ تري طوفان جي تي ڏاڍ جو پاري ڏيو،
چوڪ ڪان چانڊوڪين جون عادتون چو ٿا ڪسيو؟

آيتن جهڙين اکين جا غزل ٿا ڳوڙها لکن،
ياد جي هي بندگي ۽ عبادتون چو ٿا ڪسيو؟

المين جي مند ۾ جي محبتون قضا ٿيون،
قرب سانديون ساهه ۾ سي امانتون چو ٿا ڪسيو؟

هر نگر ناموس جو ۽ تهذيب جي هرڪا گهٽي،
تهمت مڙهي تاريخ تي، عظمتون چوٿا ڪسيو؟

○

رات جون پاڙون ڪُتل پاتال ۾،
ڏينهن ناهي ڏيهه جو سُر تال ۾.

چور کهڙو آ سوجهرا چورائي ويو
راڄ کي شڪ آ رڳو رکپال ۾.

سور پوکي تا اچون ڪيئن چيت ۾
پور پنهنجا تا پَچن ڪيئن پال ۾!

ڪنجهه ڪولهي جي ائين چئونرن منجهان،
جيئن سُهاين جو چڙو ڪنهن چال ۾.

ڏاگهه تي چاڙهي وفا جون موملون،
عشق کي واري اچو هر حال ۾.

زندگي تاريخ جو چڙ باب آ،
ڪيئن سگهجي ٿي پروڙي سال ۾!.

○

چنڊ خوابن جي غار ۾ مست،
سج پنهنجي خمار ۾ مست.

سور پنهنجي ڪڪين ۾ پالين ٿا،
ايئن حياتي قرار ۾ مست.

ڪنهن پن چڙ جو انت آ پاتو،
ڪنهن جو پاڪر بهار ۾ مست.

گيت ڪنهن درد جي صدائن جيئن،
ڏس، تنبوري جي تار ۾ مست.

چئوڏسائن ۾ روئي چاندوڪي،
ڪيڏي اونداهه ڏڪار ۾ مست.

اوڙ! سسئي پروچ هر ڪو پنهون،
توسان وعدن جي چار ۾ مست.

○

ڳوٺ جا چارا ۽ گهر گم ٿي ويا،
رات ڪان پنهنجا پهر گم ٿي ويا.

هيل ساونڻ لئي بہ امبر اوپرو
وڄ وراڪا ۽ ڪڪر گم ٿي ويا.

زندگي جو وقت ويو ڪيسو ڪپي،
ساهہ ها سونا، مگر گم ٿي ويا.

ننڊ نگري نانءُ منهنجي گام جو
جاڳ جا سارا سمر گم ٿي ويا.

ايڪويهون جُڳ اچي آڏو ويو
ماڳ ڏانهن سانباهہ پر گم ٿي ويا.

جن مان جوڙيون ٿي ڦڪيون تون قوم لئہ،
ويچ تو ڪان سي وکر گم ٿي ويا.

وقت سان گڏ دل جي ديوارن مٿان،
عاشقي جا سپ اکر گم ٿي ويا.

❍

ضميرن جي صحيفن تي جڏهن چانڊاڻ جاڳي ٿي.
اکين ۾ انقلابن جي تڏهن ڳاڙهاڻ جاڳي ٿي.

بهارن جي بخيلي ڏس، هوائون بي هڳاءُ ٻٽيون،
گلابن جي چمين سان پر سڳنڌ سرهاڻ جاڳي ٿي.

*مسافر ڏينهن جا ماريا وڃن پيا واٽ اوندهہ ۾،
انهن جي رت شهادت مان ڪُنل لالاڻ جاڳي ٿي.

آسارو عشق جو آڪاس، سڏڪي سڪ جي ڌرتي،
وفا جي اعتبارن ۾ ڳُتيل نرماڻ جاڳي ٿي.

ڦٽن ٿا زندگي مان پيا دغا جي ڌوڙ جا نغما،
صدائن ۾ ڪڪوريل ڪرب جي ڪلياڻ جاڳي ٿي.

ڏکويل ڏيهہ ۾ پوکي خوشي جي ڪهڪشان جو ٻج،
ڪلا جي نرم آنچل ۾ نکٽ اڇّاڻ جاڳي ٿي.

❍

* سرائي قربان کهاوڙ ۽ ساٿين جي شهادت.

رڪون خواب ڪھڙا اکين ۾ سنيالي،
اميدن ڪيو خود فريبي حوالي.

اُداسي ۾ ماريل نھارون ھزارين،
اپاھج ڪئي مُوڪ جيون ڪشالي.

نسل مفلسيءَ جو وکر جيئڻ وڪامي،
ڪنو ماڻھپو اڄ ڳپي جي اُيالي.

ارادن ۾ نفرت ۽ بي رحم سوچون،
ھتي رھزني ڪي ڏني ڏاڍ پالي.

جتي پاڻ منصف ھجي من ميرو
اُتي چا نبيرو ٿئي نياءُ نالي؟

ھراسيل زبانون سوالن ۾ اُلڪا،
سرابن وڪوڙي وڏو منجھ مڏالي.

ھتي طلسماتي ھوائون ڳُھلن ڪي،
ڏڪي معجزو ڪو ڏکن کي ھڪالي.

○

پيونءَ تي خود غرضي جي ڪاھ،
دل جي سرحد تي پيچ ڍاھ.

احساسن جي آتم ھتيا،
ماڻھو ساڻ بغاوت آھ.

شھر سڄي ۾ ڳوليون ويٺا،
ويل، ويلَ جا ڏوھ گناھ.

ڏينھن ڏني جا پرم رکن پيا،
ڪيڏو راتين تي ويساھ.

ڪھڙي ڪونج اُڏار ڳگن ۾!
ڪھڙي ڌرتيءَ جاءِ پناھ!

مند جفا جي ڪاٽ منجھند ۾
الف اُگھاڙو ساھ پساھ.

پوڄا سان ڪئين پٿر جاڳن!
اڻ ٽيٽي ڪا ٽيٽي ناھ.

شام غريبان بنجي ويا ھن،
پنھنجا جذبا پنھنجو چاھ!

اوهان کي وسارڻ ڏکيو آ ڏکيو،
اسان هانَو هارڻ ڪٿي آ سکيو.

سدا مند سپنا انهن کان رُسيا،
اوهان جي اکين جن اکين کي ڪکيو.

ڪريو سار سنگسار دل کي وڃي،
اڃي حوصلو پيو وڇوڙا چکيو.

انهن سان شڪايت ڪٿي ٿي ٿهي،
جنهَن کي اسان هو لکن مان لکيو.

ڀلي درد دستور پنهنجا هلي،
اسان عشق کي معتبر آ رکيو.

جدوجهد ناهي تہ جنت بہ ڇا؟
ٿلهو ڪيسين رهبو چکيو ۽ مکيو.

اميدون اُجهاڻيون ۽ سُڏڪا سُتا،
اڃا من اوسيئڙي ۾ آهي ٻَکيو.

رڳو مان تہ ناهيان سڄو ڏيهہ ڏس!
فقط مُوکي هڪ لاءِ ڪيڏو بکيو!

ڏراوت اسان جي اوهان ناڻءُ سڀ،
غزل، گيت ۽ زندگيءَ جو لکيو.

○

اُماوس ٻاٽ ۾ ٽمڪي، ٽانڊاڻو ٽي ڪڙيا آهيون،
سياري جي سياڪن ۾ اُتت اُس جئن سڙيا آهيون.

نڪي سرمد، بلاول ۽ عنايت ٽي سگهياسون پر،
اسين طوفان جي تڪ ساڻ هاڙهو ٽي لڙيا آهيون.

پروڙي لوڪ سارو ويو اوهان ڪي ئي خبر ڪانهي،
پسي ڏس درسني دل جي اوهان جي جيءُ جڙيا آهيون.

زمانا، تون اسان تي چو رکين ٽو اڄ ٻه اڪ ميري؟
اسا ن تنهن جي سُجي ڪک مان گلابن جئن ٽڙيا آهيون.

جڏهن گوندر چڏيو ڳوهي تڏهن ادراڪ جي چڪَ تي،
مٽيءَ جي ٽانَو وانگر سپ اسين شاعر گهڙيا آهيون.

اسان ڪي موت جي هر مام بخشي هي حياتي آ،
اسان هِت ٽا آڏيون جنت هُتان ڪان جي ٽڙيا آهيون.

○

پنهنجي دل ڪا دوزخ آهي.
چين سڪون جو نالو ناهي.

اخبارن ۾ خبرون پڙهندي،
سوچون روز چڙهن ٽيون ڦاهي.

ٻوڙون ٻوڙ اجائي چو پيا؟
ڳالهه نه سمجهائي ڪنهن ڏاهي.

ڏينهن جي اُس ڪري اڳرائي،
رات پره جا پيرا ٻاهي.

دهشتگردي پاٽيءَ وانگر،
پونءَ تي بيهڪ پيئي ٽاهي.

درد اوهان جيان ارڏو اوکو،
ماريندو پر ساهي، ساهي!

○

اجا ٿري ٿو سمهي بکايل،
مُئي نہ راڪاس رات ٿر ۾.

غريب قسمت رکي ويو گروي،
سگهيو نہ موٽي هيهات ٿر ۾!

دنيا وئي ٿي آڙاهہ غم جو،
اُداس لامن ۾ لات ٿر ۾.

گهٽا وسي ٿي پٽن، برن تي،
وٺي سکن جي نہ ذات ٿر ۾.

اها ڏهر ۾ جا روشني آ،
نئين نسل جي تہ چاٽ ٿر ۾.

ٽڪا نہ ٿوهر اجا رُڃن مان،
مجي نہ مورن بہ مات ٿر ۾.

○

مرڪ منهنجي ٽوڪ ٿي، هر آس ٻڏجي وئي پٿر،
موت کان اڳ خواب مرندا، مون نہ چاتو هو مگر.

سچ جي انگ انگ ۾ اوزون وانگر انگهہ پيا،
سوجهرن جي لڄ لٽي آ، روشني پيتو زهر.

پير پٽ تي ڪيئن ڏريون، ڏرتي ڏٻي ٿي جڙ پئي،
پٽ هرڪا پروسي جي، ائين ٻُري جيئن ڪوپتر.

قربتن جي قافلن آ ڪربلا ۾ ڪيو پڙاءُ،
قاتلن جا هٿ چمي ٿي، زندگي ڏس بي خبر.

سون جهڙي سوچ ۾ هيرن ڪٽيون هر گهاءُ آ،
هر زخم ڪي سوپ سمجهي درد جو جهاڳيون سفر.

ها! سٽون پيا سڏڪا آهن ساهہ جي پڙلاءُ ۾،
روڄ جو آ رقص جاري هر اڪيلي من اندر.

وقت جو هر واهرو پاٽان وڃايل واٺ ٿيو،
ڪير ڳولي ڪنهن کي پيو هرڪو هتي آ دربدر.

○

محروميون ۽ زخمي رستا،
قوم لتاڙي پئي سربستا.

ملھ مھانگيون پنھنجون خوشيون،
پنھنجا ساھ سدائين سستا.

ڪالھ رڳو ڪشڪول ھو ھڪڙو
ھاڻ ڏسون ھٿ ھٿ ۾ ڪستا.

پاچولن جو قد آ ڪھڙو
نٿھڻ اُس ۾ ننڍڙا پستا.

پاڻ ُپڪي ۾ اُڃ جي پياسون،
ٻيم پيا اڏجن ھت برجستا.

اعلان اکر ھي ڪوڙا سپ،
قانون سمورا بي لستا.

ويڄ ڪويڄ اسان جا آھن،
پيونءَ جا سڏڪا ناھن نستا.

ڪيڏي انھن جي ادا نياري،
گولين سان گڏ ڏين گلدستا.

جدائي ڪان چڏائي جند، ڪي گھڙيون ملي ڏسون،
حياتي پر رُنا آھيون، وري مُرڪي ڪلي ڏسون!

اُڏامڻ جي رکيسون آس، ويو وسري ھلڻ پاٽان،
اچو پيونءَ تي ٻُڪي ڪنھن ٻيل جيئن ٻيھر ٽلي ڏسون!

ڏسون ڳولي گھٽي ھرڪنڊ جذبن جي جواني جي،
اَڌوري جا رھي سا اڄ اوھان سان ڳالھ سلي ڏسون!

نہ ھو ممڪن اسان جو ساٿ ڪا منزل نہ ماٽيسون،
اجا ڪجھ وقت آھي، ماڳ پنھنجو ھل ھلي ڏسون!

ڏڳائي آڳ جا ڏُوتن ٻرن پيا ٻاٻرا ٽانڊا،
اسان وٽ سچ ڏکن جو آ بنا ڪنھن پڄ جلي ڏسون!

○

لوچ اسان جي سورهه پل،
جذبا جاڳن جاڳ مثل.

ٽاڪ نہ ڪنهن تي تا نيڪيون،
سوچون جوڳين جيئن اجهل.

پيار اسان جو پانڌيئڙو،
پيرن هينان پوڻ تتل.

جُهڙ جُهڙالي وانگر آ،
نانو سجڻ جو چانَو ٻٽيل.

ياد نہ آهي ڪهڙي رات!
ڳوڙهن ڪونہ پُسائي ڳل!

○

پورن ۾ اڻ پورا تي ويا،
چهرا چندر اڌورا تي ويا.

رات ڇٽي پئي ڪاريون ڇٽنگون،
ڏينهن جا ڦڙِ پورا تي ويا.

ذهن وفا کي وڪٽي وينو،
عشق اُجهاٽل ڪورا تي ويا.

صدين جيڏا ڏک اجهاڳي،
گيت اسان جا مورا تي ويا.

تعبيرن جا خدا ڳولي،
خواب اجنتا الورا تي ويا.

ڪشڪول دعا جا سڪٽا سپ،
سانت ورد سمورا تي ويا.

پنهنجا ثواب گناهن جهڙا،
تنهن جا ڏوهه سڳورا تي ويا.

○

ويھ صديءَ ويچاري جڳ ۾،
سال بہ سال مياري جڳ ۾.

چاھ سياست جي ڪوتا تي،
قربت ڪاروباري جڳ ۾.

سانت ۾ سڏ پيو ڪو اُڇلي،
ڪانھي ھا، ھاڪاري جڳ ۾.

نانگ نگاھن جا ڏنگي ويا جي،
سونھن سراپيل ڪاري جڳ ۾.

ھر دم ھت غمگين ھوائون،
ھرڪا مند ڏڪاري جڳ ۾.

پونرن پيليون من جو مُرڪون،
جذبن جي ڦر ماري جڳ ۾.

ذھنن ڪان ادراڪ رنو آ،
ڏاھپ برھما چاري جڳ ۾.

سچ ڪان ڌرتيءَ ڪسجي پيئي،
آ جنگ مھاياري جڳ ۾.

اسان نينھن سان پت پاري ڇڏي آ.
حياتي اوھان جي اشاري ڇڏي آ.

رڳو جاڳ گھرجي، جيئون جاڳ جي لئہ،
اسان ننڊ نيڻان اُٿاري ڇڏي آ.

نڪو ڏينھن آھي نہ ڪا رات آھي،
اسان رُت ھرڪا ٻيھاري ڇڏي آ.

وفا وقت جي ڪنھن غفا ۾ نہ گم ٿي،
رکي سام سچ جي پناري ڇڏي آ.

پلايون برھ جون ڳُگا ماڳ آھيون،
ائين سڪ سڪٽي سنواري ڇڏي آ.

نہ ڪي تڙ اوتڙ ڏناسي ڪڏھن پي،
اسان نائو سڪ جي ڏتاري ڇڏي آ.

پرھ ڪي پڇائي ٿڪاسون نہ ٿڪجون!
اسان ڳھر ڳاري پگھاري ڇڏي آ.

جُڳن ڪان جيئڻ جي رکي جنگ جاري،
اسان ذات ھرڪا جيئاري ڇڏي آ.

زندگي زهر پر،
پوءِ بہ آ معتبر.

خوبصورت خواب ڪان،
اڪ رهي بي خبر.

عشق جا قافلا،
سُڄ ۾ دربدر.

مرڪندڙ هر خوشي،
اڄ بہ آ مختصر.

هت وفائون رهن،
منتظر، منتظر!

ماٺيپي جو رڳو
ڪر قدر، بي قدر.

○

اوهان ڪان ايئن، پري ٿي ڪيئن، اسان جي آسري ويئي.
غريبي سرد اوگهڙ ۾ ڊسمبر جيئن ٺري ويئي.

الائي مند ڪهڙي ۾ ٿيو من سرگواسي هو
دغا جون موسمون آيون ڪنواري سڪ مري ويئي.

اسين رولاڪ راهون ٿي، رڻل ڪي روح جهاڳيون پيا،
نصيبن ڪان پري پر پيار جي ٽيندي پري ويئي.

نهارن ڪان نمازون نينهن، دعا جا ڪُڪ قضا ٿي ويا،
اميدن جي اُمامت پي نگاهن ڪان ٽري ويئي.

ضعيفن تي لڳي جي ضرب هيٺن حال پڇيو آ،
ڏُڦل پيڙي ڀَڏي سان اڄ بنا ناکي تري ويئي.

محبت ڪي خدا مڃجي، پراٺي رسم يا، پيارا،
وفا تي درد جي واري وڇوڙو ٿي وري ويئي.

مهانگيون خواب جون اکيون، آڻ ملھ آرزو جي دل،
اجوڪي دور حاضر وٽ رکي گروي چري ويئي.

نہ آهي راند پاراٺي، چيو ڏاهي لطيف سائين!
اڪر هڪ عشق پروڙڻ ۾ ڪپي هستي ڳري ويئي.

ڏماڪا ۽ ڌاڙا رڳو موت منظر،
سلامت نہ لوئي نڪا لڄ چادر.

ڏٺو ڪالھہ ”يوسف پلازه“ ۾ ڪربل،
متو هاڻ ماتام ڪولھين ۾ گھر گھر.

دراوڙ جي ڌرتيءَ مٿان رقص راوڻ،
ڦري برڙ باڪاس ٿر، بر، شھر.

يزيدي رِيا جي رڪن سوچ ڪاري،
بمن سان اُڏائن مسجدون ۽ مندر.

جھالت، جنونيت ۽ وحشت وڙهي پئي،
عنايت ۽ منصور جھڪندا نہ ڪنھن پر.

○

جوڙيون عشق عبادت گاهون.
انسانن جون پيار پناهون.

مايوسي جي ماڪ پنل مان،
سوچون للڪاري ڪن ڪاهون.

چھرن تي چانڊاڻ چٽي ٿي،
مُرڪن ڳوليون منزل گاهون.

سار اسان جي جوڀن ماٽيو،
ويساهن سان ٻڪي ٻانهون.

ضبط جذهن ٿي من جي موسم،
پن چڙ چانگيون نينهن نگاهون.

هرڪو پنھنجو راڳ الاپي،
سڀ ڪو سمجھي پاڻ مٿاهون.

ذات اسان کي ڏيڪاري وئي،
پنڌ نٿهڻ جو اُڃ جون راهون.

○

ڏکن جو ڏڌ ڏمر ڪيڏو!
سکن ڪاٽيو سفر ڪيڏو!

بکايل هت بهارون ڏس،
اُجايل آ ابر ڪيڏو!

هڏن تان ماس تو اُلڙي،
متارو تيو جبر ڪيڏو!

مئا وسڪار واچوڙا،
هوائن ۾ زهر ڪيڏو!

نگاهون ڪينسر واڳيون،
نظر جو بدنظر ڪيڏو!

سچاين کي بہ تا پيلين،
ڪنورن وٽ ڪفر ڪيڏو!

زڪاتون ۾ عُشر اڱرا،
اگهاڙو پر اَجر ڪيڏو!

لکي پيو آيتون اڄ جون،
ڪوي پيغامبر ڪيڏو!

عشق اجهاڳي اجا پيو صحرا،
سونهن مٿان سرداري پهرا.

ساڃاهپ جون بند زبانون،
آڙاهن جا نياءُ اُپهرا.

ڪاڪ اسان وٽ ڪاري اڄ پي،
ڪارا ٽين پيا سّچ سنهرا.

شهر وفا جون قيد هوائون،
گم سم گهٽيون، باندي چهرا.

سنڌو جي ساهن ۾ اُسرن،
ڏاڍاين ڪرپٽ جا کهرا.

فطرت جي هر سونهن امر آ،
لوڪ سياٽپ جا چٽ گهرا.

ڇيچ اسان جي سچ جي هٽ ۾،
پيچ ازل جا پينا نهرا.

○

آڙاهن جا نياءُ - چربيلي تي هلڻ وارو فيصلو

ساھ جيڏو سڙيو،
روح تيڏو رڙيو.

پيار پنھنجو سڄڻ،
جڳ سڄي سان لڙيو.

سونھن ڇُربو ڪئي،
پير پيري ڪڙيو.

هُو تہ آزاد هو،
پَر پساري ڦڙيو.

ڪو سزا ۾ مگن،
ڪو جزا ۾ اڙيو.

ㅇ

اسان سان ڪئي عشق ڪيڏي ٻيائي،
جمهوري رکي راڄ، ڪري پيو خدائي.

ستارن جي ٽم ٽم، گلابن جي خوشبوءِ،
ڏياريو وڃي ياد ڪنهن جي سچائي.

ڪلا قرب کي جا بہ اربي چڏيسون،
اسان جي اَمر ٿي حياتي اهائي.

اڙي چنڊ! پرچي پئو هاڻ تون پي،
اسان پي چڏي آهہ ڪاوڙ اجائي.

جتي پيار مهڪي، وڃي سونهن ڦلاري،
اها جوءِ سياڳي اها رُت سجائي.

ㅇ

خوشبو وانگر وکري وڃبو،
هوريان، هوريان وسري وڃبو.

جيون هولي، پيار پرولي،
سپ رنگ ميڙي نکري وڃبو.

نينهن نٽر هي پوکيون ويٺا،
سُنڌ دلين مان نسري وڃبو.

انسانيت جي آڳ امر تي،
پاڻ پگهاري وگهري وڃبو.

پاڻ مسافر، انڌيون واٽون،
دل جي ڏيڍ تي نبري وڃبو.

سچ لٽي جو پنڌ عذاب آ،
ساري ساجهر نکري وڃبو.

❍

قلم جا ڪاليداس لُڇن پيا،
ڌرتي ۽ آڪاس لُڇن پيا.

سونهن، سڳنڌ جو سڌڪو ساٿو،
سپنا ڪي بي آس لڇن پيا.

روح اميدن جا سپ رڻ پٽ،
پرم پريو وشواس لڇن پيا

لفظ اُجهاٽل تيلي وانگر،
تخليقي احساس لُڇن پيا.

جذبن جي بي ست پاڪر ۾،
سڪ جا نيڻ اُداس لُڇن پيا.

ڌرتي تنهنجي شهر نگر جا،
آدرشي اِتهاس لُڇن پيا.

نانَو سڄڻ جو لب تي ايندي،
اکڙين جا الماس لُڇن پيا.

❍

وهي وقت جي وئي وٺين مان وهي،
اجا سور سنجرن اٿن ڪا کهي.

بتاوا بهانا پلا ڪيستائين،
چڱو يا لڱو پر نبيريو سهي.

وِرهه جي وڄن ۾ وڪوڙيل اسين،
برهه جي نہ برڪا اسان سان ٿهي.

ميساري ڇڏيوسين سڄو ساهه پر،
چٽيل نانءُ دل تان نہ سگهيو ڊهي.

ڦرن سج ۽ ڌرتيءَ جيئن محور مٿان،
ڪڏهن نيٺ ايندا اوهان پي ڪهي.

پساهن جي رُڄ ۾ اميدن جي اَڄّ،
بکي ٿي اجا توڙي سج ويو لهي!

❍

اجا درد دل جو ڪفر پيو ڪري،
هُري هانءُ هر هر اوهان کي گهُري.

بهارن ۾ پيونءَ جي خوشي ۾ رهون خوش،
ڪُنل موسمن ۾ پلا ڪيئن سري!

ٻري ڪاڪ جا سپ اُجهاڻا ڏيا،
اجا موٽ ڪاڏي نہ آ ميندڙي.

مٿان خواب وڪڙو رکو آسرو،
سسئي جي سڌن سان جبل ٿو ڏري.

اُٿو سنڌ واسي، سڏي سنڌ ٿي،
اوهان کان هي ڌرتي ڌاريو پيو ڦري.

❍

خوشي جي پيير وڇايو
وياڪل من ڏڪي ڏاڍو!

لڳي ٿو سار جو اوتر،
اسان جو ساھ وارياسو.

اوھان بن روح جي اجرڪ،
بنا رنگ پور جو ڇاپو.

اُجھامي رڪ ٽيون آسون،
وري ڪنھن ڪونج ڪرلايو.

ڪري ڪو پيار ۾ پرٺو
ڪُھي ڪو پيڻ پيو ڪارو.

سڏي پيو لاڙ لاڪيٽو
اسان تان غم ڪڪر لاھيو

اسان سنڌو مٺي وانگر،
زمانو چڙھ سمنڊ ٻاڙو.

❍

پاڻ اُتاھان ڪارونجھر،
ساھ اسان جو اڃڙو ٿر.

غربت جي گدلي سينور ۾،
نسرن ڪيڏا نرجا سرا!

ناري ناھي ھير پڪل ڪا،
ڏُوڻ نہ ڏُوتا، ھڻ نہ پيتر.

سڱ ڇٽي ۾ معصوم اگھامي،
بي حس جڳ جي عام خبر.

انسان ڦري حيوان ٿيو آ،
احساسن جون اکيون بنجر.

❍

توُن ۾ آئون وهائو تارو،
جڳ سڄو اونداهو سارو.

ٻاڪر منجهہ ٻري وٺ مون کي،
ماري ويندو هيل سيارو.

هاڻ صليبن تان ٻي سپنا،
مرڪي ڪن ٿا جيت اشارو.

تنهنجي سار بنا ڪو هڪڙو،
ساهہ بہ پنهنجو آهہ ڪفارو.

وڏوا ناهي منزل پنهنجي،
جيئرو آهي جيون چارو.

○

اڪيلا، اڪيلا، تواڻي، تواڻي.
نڪو ٻانهن ٻيلي نڪو حال ٻاڻي.

رڳو آس نٿهڻ اسان جي ڇپر ۾،
ڪڏهن ٻي نہ ٻلجي ٿڏي ڇانءُ آئي.

دعا ٻي ڏنا خوب دوڪا اسان کي،
نہ مولا نہ ماڻهو جي ئي در اگهائي.

ٻلا ٻال پنهنجا ٻلايا اُداسي،
سدا گهر اسان جي تي آئي سوائي.

گنهگار، ڏوهي، دروهي سي سڏجن،
جنهين جي جهوليءَ ۾ سمائي سچائي.

○

پتنگن جيان جيءَ جلايو تہ مڃجي،
تپي لوھہ تيئن تن تپايو تہ مڃجي.

سوين سور سختيون ۾ هاجا هجن پل،
ڪُڏي ڪنڌ سچ تان ڪپايو تہ مڃجي.

بلاشڪ! سچائي جي پرڪا ڏکي پر،
اکين ساڻ اکڙيون ملايو تہ مڃجي.

بلاول ۽ منصور ڪنٽا نہ ڪُٽندا،
اوهين دار چاڙهي ڪٽايو تہ مڃجي.

سکن ۾ سلامي، ڪلامي ٿين سڀ،
ڏکن ۾ بہ ساٿي سڏايو تہ مڃجي.

پلڻ دل وڏي ڳالهہ ناهي مڃوسين،
ٽڙي سار دل مان ٽڙايو تہ مڃجي.

ڏيو ڏوهہ اسان کي خطا ۽ جفا جو
وفا پر اوهين جي نڀايو تہ مڃجي.

برهہ باهہ ساڙي سڪا توڙي آلا،
اها سڪ ڪسوٽي سهايو تہ مڃجي.

چپن تي چُپاتا ٻرن من ۾ ڪورا،
ڪڙي قيد سوچن ڪرايو تہ مڃجي.

ازل کان ائين اُپ سڪايو پسون ٿا،
زمين ساڻ ان کي ملايو تہ مڃجي.

ㅇ

خوشين جي ڪينجهر ڪسي وئي آ،
رنگن ڪان هولي رُسي وئي آ.

سمهي پيو آ چاهه چپن جو،
مُرڪن ۾ ننڊ وسي وئي آ.

سچ سيڪاري جرح اسان ڪي،
ڳالهه جي غلط ڏسي وئي آ.

رات، پرهه جي سرخ اکين ۾،
پنهنجو انت پسي وئي آ.

دهشت ٿيو دستور سياسي،
جمهوريت ٿي ڪسي وئي آ.

○

گُهرجن جي گوندر ۾ رهون ٿا.
اڏ اڏيل ڪنهن گهر ۾ رهون ٿا.

سانپر ۾ سنپارون جن جون،
تن سان ئي ويسر ۾ رهون ٿا.

سوچ سهاڳڻ، آس ڏهاڳي،
پاڻ ٻنهي سان ٻَر ۾ رهون ٿا.

جيون جي هر جوءِ اٽانگي،
رستن ساڻ سفر ۾ رهون ٿا.

سک جي چانَوڇي ٿي ساڙي،
ڏک جي پر، پاڪر ۾ رهون ٿا.

پيار اسانجو لُڪ لوساٽيل،
سڪ اُساٽيل بر ۾ رهون ٿا.

هن ڏرتيءَ جا سقراط اسين،
اوندهه جي آڳر ۾ رهون ٿا.

هر ڪنهن لفظ جي معنيٰ وانگر،
پنهنجي شعر، نثر ۾ رهون ٿا.

مون آڳ جو اوچڙ اوڍيو آ،
مون چنڊ اگڙ تان لوڏيو آ.

مون پوتيون اُپتي پيڙهين جون،
نُک نسلن جي کي ڳوليو آ.

مون چينيا ڏنگ پراون جا،
۽ پيار منن ۾ پوکيو آ.

مون ماٽهو چاتو ماٽهو کي،
جنهن ماٽهو ڪارڻ سوچيو آ.

مون سانيي سڪ سچائي جي،
چڙ سورن کان سُک سوديو آ.

مون ارڪو ترڪو آرپي سپ،
سنڌ مٿان پاڻ بہ گهوريو آ.

مون پوجيو عشق پناهن کي،
معبود وفا کي کونيو آ.

○

سانوڻ، خوشبو ۽ چاندوڪي،
اڄ تي ويا، ڳالهه ڪالهوڪي.

رابيل اکين جا شرمائن
سار سکي وٺ آ راتوڪي.

پنهنجو عشق ازل جو ساجن
مهين ڏڙو تاريخ هاٽوڪي

خيال اسان جا آيتون آهن،
سوچ سپيتا جئن ٺاهوڪي

ڳوناٽو آ پيار اسان جو
پنهنجو روح بہ چڙ راهوڪي.

چوهه منجهاران چال ڏئي تي،
هي جا سر جي سِٽ سانجهوڪي

○

من جا گهاءُ اُڌارا نڪتا،
نانو سڄڻ جي سارا نڪتا.

چنڊ جي جَهڙ ڏِي سج ورتي آ،
ڏوهاري سڀ تارا نڪتا.

ڪيڏيون تقديرن جون گهوپيون،
ڪيڏا پاڳ آ سارا نڪتا.

پيار اسان جو پيرين اُگهاڙو،
پٽر نينهن نظارا نڪتا.

چپ تي چاهه چمين جون آهون،
زخمي انگل آرا نڪتا.

محروميون رنگين اسان جون،
دل جا جوڳ نيارا نڪتا.

گيت اسان جي توڪي اربيا،
قومي سي ڪيڏارا نڪتا.

○

پنهنجا سڏ پراڻا ٿي ويا.
يا هي لوڪ سياڻا ٿي ويا.

ذهنن جي نگري ۾ نستا،
اکرن جا آڏاڻا ٿي ويا.

سپنن پوپان ٻوڙي ٻوڙي،
جذبا سنڌ ۽ ساڻا ٿي ويا.

مالڪ منهنجي ڌرتيءَ جا اڄ،
پنهنجي پونءَ ڏڪاڻا ٿي ويا.

پنڌ پهڻ سوچن جا ساجن،
نيڻن منجهه نه ڄاڻا ٿي ويا.

○

نظم

معبود

ڪوئي نہ ڄاڻي تنهن جي ڄاڻ،
پاڻ سڃاڻين پنهنجو پاڻ،
تون ئي اوکو تون ئي سوکو،
تون ئي اوکي، سئوکي ساڻ.

فطرت جو معبود سڏائين،
ڏاهپ کي ٻيي تنهن جي ڏاڻ،
جيون، جوڀن، جوت ۽ جلوو،
تون ئي ڪارڻ تون ئي ڪاڻ.

پارهيڙي، پرواز ۽ پنڇي،
تون تاڪائو تڪ ۽ تاڻ،
ڍاهين، ٺاهين، پاڻ سڃاڻين،
تون ئي واهر تون ئي وڃاڻ.

منهن جي ڏات ۾ سمجهہ ۽ ساڃاهہ
او! آڻيندڙ تون ئي آڻ!
○

امر انقلابي اسان جو ڀٽائي!

سچي ڏيهه جي ذات جو واهرو هو
تصور ڏنو جنهن وطن سان وفا جو
۽ ڀونءِ جي مٽي کي بہ ايمان سمجهي،
ڀِٽن جي بدن تي لکي آيتون ويو
سٽن ۾ سٽي جنهن عوامي خدائي!
امر انقلابي،
اسان جو ڀٽائي!
جُڳن کان ڪوي هي جبر سان لڙي پيو
اميدن، اصولن ۾ جوتون جڙي پيو
پرهه کي پروئي سجاڳي جي تند ۾
ڪٽي خواب آزاد، اونده تڙي پيو
محبت جو منشور، ڏاهپ، سچائي!
امر انقلابي،
اسان جو ڀٽائي!
اسان ڀٽ ڌڻيءَ کي پروڙيو ڪٿي آ،
سنڌن فلسفي ڪاڻ ووڙيو ڪٿي آ،
ڏئي حوصلن جو ڪو امتحان سچ پچ،
اُتي پير ڌرتيءَ تي کوڙيو ڪٿي آ،
ڪري عشق عبادت، ٻڌي، سورهيائي!
امر انقلابي،
اسان جو ڀٽائي!

○

سنڌڙيءَ کي ايمان چيو آ

اي پيار! اسان پنهنجو جيون،
هر حال ۾ توتان گهوريو آ.
اي سار! اسان سچائي سان،
هر دور ۾ ڪنڌ ڪڪوريو آ.
اي دوست! اسان پنهنجي دل ۾،
دنيا جو درد سمايو آ.
اي ميت! اسان ڀي ساهن جي،
هر زخم کي ديپ بنايو آ.
اي نينهن! اسان هر ناتي کي،
نوري تان قربان ڪيو آ.
اي عشق! اسان تنهنجي آڌو
هر آشا جو اپمان ڪيو آ.
اي جند! اسان هر جهوريءَ ۾،
جذبن جو جهرمر ڪاڪ اڏيو آ،
اي سنڌ! اسان منصور جيان،
هر سوري کي محبوب سڏيو آ.
اي جاڳ! اسان ساڳيا ڏاهر،
جن ديس مٿان سردان ڪيو آ.
اي ذات! اسان ساڳيا شاعر،
جن سنڌڙيءَ کي ايمان چيو آ.

○

سنڌ جي سجاڻ مجيدي!

انسانن جي آزاديءَ ۽
عظمت جو اهڃاڻ مجيدي،
قومي ڪاڪ ڪويتا ۾ آ،
جاڳرتا ٿيو پاڻ مجيدي!

هن آدرش جا ڏس ڏنا،
هن ماڳ رسڻ جا ڳس ڏنا،
سنڌ سڄي ۾ نانوَ ڪري ويو
ٻولي جو سرواڻ مجيدي!

جاڪوڙيو هن وستي واهڻ،
ماڻهو ماڻهو کي جاڳائڻ،
سوراج سچائي جو سچ پچ،
اُڏمن جو اڳواڻ مجيدي!

مور نہ جابر جي ڪاڻ ڪڍي،

۽ نہ ڪنهن آمر جي آڻ مڃي،
سرجڻهار سجاڳي جو هي،
ڏاهپ، ذات سجاڻ مجيدي!

هاري، پورهيت، ورڪر سارا،
جهوريل جهانگي هن جا پيارا،
ڏيهه ۾ سکّ اَمن جو ساڪي،
ڏاڍن ۾ مانڌاڻ مجيدي!

ماروئڙن جي جيءُ ۾ جايون،
جي هن جذبن ساڻ جڙايون،
انقلابي عزم سراپا،
مٽيءَ جي سرهاڻ مجيدي!

ڌرتي تنهنجي تون ڌرتيءَ جو
انت نہ ڪڏهن عشق جو ٿيندو
جُڳ جُڳاندر جيئڻو آهين،
تون سنڌ جي سجاڻ مجيدي!

○

ڪڏهن رات ڪُٽندي!

هي ڪارا ۽ ميرا، انڌيرا انڌيرا،
سيئي پنڌ پيرا، انڌيرا انڌيرا.

نہ ٽيڙو ٽڙن ٽا نہ ڪي گل ڪڙن ٽا،
نہ ئي پونئر پيرا، انڌيرا انڌيرا.

سوين سور سيني ۾ سرنگهون هٽي ويا،
ٻريا پر نہ ٻيرا، انڌيرا انڌيرا.

اسان وٽ حياتي سڄي ويا گذاري،
اڱڻ تي انڌيرا، انڌيرا انڌيرا.

ڪڏهن رات ڪُٽندي ڪڏهن باک ڦٽندي،
رُسي ويا سويرا، انڌيرا انڌيرا.

❍

جذبن جي عدالت

ضمير منهن جو وڪيل آهي،
قلم سان قومي ويڙهہ وڙهي ٿو
۽ پڻ آهي جاڳ سفر ۾،
بي رياءُ جج جذبن جو
معاشرتي متپيدِ مٿائي،
اعتبارن جي اڪين سان،
استحصالي ايوانن ڪان،
انساني انصاف گُهري ٿو
وچن ٿوائين ورجائي
يقين سان ايمانداريءَ جو
تڏهن هي ڏنوانَ ڏات منهنجي،
فڪر جي سچائي جو سرچشمو ٿي،
سُرهي صندل سوچ ڪٽي،
سنڌ جي سندر صبح جهڙيون،
ڪونج ڪويتائون لکي ٿي،
محبتن جا منشور ٿاهي،
سنڌ وارن ڪي اَرپڻ لائي !!!

❍

اڙي او! سنڌ جا واسيو!

سدائين پٽ ڏٽي تي ٿي ڏڳي پئي روشني دل جي،
عبادت ٿي ڪري سجدا، ٿئي ٿي بندگي دل جي،
لطيفي لاٽ جو پيغام حق، سچ بي خودي دل جي،
ڏئي ٿي ڏات سڌ قومي ٻڌي جو ۽ خوشي دل جي،
اڙي او! سنڌ جا واسيو!
اچو هڪ ٿي ۽ سڀ گڏجي،
سڌي جيجل پئي پنهنجي!
وٺو حق پاڻ پنهنجا هاڻ، غاصب کان ڦري زوري،
ڪري دهشت بہ جو پيو شان شوڪت ساڻ مغروري،
اُگهو ڳوڙها ڪراچي جا، ٿيو وارث چني چوري،
جتي هرڪو وڃي سنڌي سڏيو مهمان مجبوري،
اڙي او! سنڌ جا واسيو
ڪريو ڪا مالڪي پونءَ جي،
چوي جيجل پئي پنهنجي!
اجا ڪي ڊيم پيا آڏجن، نہ ڪالاباغ ٿا رد ڪن،

اجا لِڱ لاڙ جا تڙپن، ڏنڊون ڊورا ٿيون آهن،
نہ سنڌو آ ڀُسايو من، ترايون پي پريون ناهن،
اجا ساگر پيو ڪاهي، اجا پيا لوڪ ٻاڏائن.
اڙي او! سنڌ جا واسيو
ويو ڪئنال ٿل اُڏجي،
لُڇي جيجل پئي پنهنجي.
ڪلي ڪڙيا نہ ڪونيٽ ۽ روهيڙي ٿهڪ وساريا،
ٿين چئونرا پيا قيدي، وتن ٿا ڦوڳ ڦلاريا،
پيو پيري ڪٽي پيرا، ڀُٽَن پوتار ٿيو پاڳيا،
اجا بي باڪ پوميءَ تي سماجي سانگ سڀ ساڳيا،
اڙي او! سنڌ جا واسيو!
متان! مارئي وڃي ڪنيجي،
ڏڪي جيجل پئي پنهنجي!
وٺي جا واڻ هُو وينئي، نماڻي نار ڪاڇي ۾،
جتي ناهي پلر پاڻي، حياتي بار ڪاڇي ۾،
اُجايل ۽ بکايل ٿو سمهي اڄ ٻار ڪاڇي ۾،
زهر وهنوار جيون جو ۽ هرهڪ ڪار ڪاڇي ۾،
اڙي او! سنڌ جا واسيو!
ذميواري اها ڪنهن جي،
ڀُڇي جيجل پئي پنهنجي!
هوائن جيان گُهلي گولي، اُتي چا حال ماڻهن جو؟
قبيلا ويا جنوني ٿي، اُتي چا حال ماڻهن جو؟
اَچي اُجري ٿئي ڪاري، اُتي چا حال ماڻهن جو؟
وڪامي موت جي ٻولي، اُتي چا حال ماڻهن جو؟

اڙي او! سنڌ جا واسيو!
وجن ڪونڌر جتي ڪُسجي،
رُئي جيجل پئي پنهنجي!
سياڳا سورميون سوڍا اوهان ڪان ڪير آ ڏاڍو؟
ڪڙا جڻ ڪير تر آهيو اُيا ارڏو آئل هاڙهو
اجا دشمن آيامن جو هٽي پيو ديس تي ڌاڙو
وجهو ڦڙ قوت ويرين ۾ وجو تي پاڙ پڙِ پاڙو.
اڙي او! سنڌ جا واسيو!
هٽو ڪا هام هوشو جي،
ڏسي جيجل پئي پنهنجي!
سفر آهي سجاڳي جو ڪٽون وک انقلابي ٿا،
اسان جو خواب آزادي رکون اک انقلابي ٿا،
ڏسون ساٽيهه ۾ خوشحالي سڏيون سٽ انقلابي ٿا،
سجي هي قوم آ جاڳي هلون گڏ انقلابي ٿا.
اڙي او! سنڌ جا واسيو!
اڏاوت ڪا ڪريون سنڌ جي،
جئي جيجل آمڙ پنهنجي،

❍

تضادن جي پيچ ڊاهه!

تضادن جو جهان آهي،
رڳو هت تون ۽ مان آهي،
ڪنل خوشين جا لاشا هن،
رڙيون، سڏڪا تماشا هن،
آمن ڪي آڳ ڏيئي ڪو
رڳو هتڙا پيو سيڪي ٿو
اصولن جو قتل ٿيو عام،
شرافت تي لڳن الزام،
هتي روشن رهن راتيون،
هتي ڏينهن جون چنل چاتيون،
نه سازن ۾ صدا ساڳي،
اجا هر واٽ آ واڳي،
لتاڙيل روح جي ڌرتي،
نهوڙي نينهن چڏي سرتي،
دلين تي درد جي دهشت،
اڪين مان ٿي وسي وحشت،
جنوني ٿي پيو آ ڏن،

نراشا ۾ تڙپيو جوين،
لڳن ٿا نيش نفرت جا،
محبت ڄڻ تہ طعنو آ،
مڏا خنجر بہ مارين ٿا،
آنائن کي جيئارين ٿا،
اجا هت رات جي ڏائڻ،
هٽي تي ڏنگ پئي هڻ کڻ،
اجا مجبور رت روئي،
حياتي سور پئي ڊوئي،
ڪڏهن سڪرات ۾ غربت،
ڪڏهن جنگ، جهيڙ ۽ ڪلفت،
ڪٿي ڪو ماڻهپو ناهي،
ڀلا ڪو ڪيئن جيئڻ چاهي!
ٻجي ٿو ڀرم ماڻهو جو
ڏجي ڇا ڏڍ دلاسو ڪو؟
ڏکن جا ڏاج ٿيا آهيون،
ٽٽا چو پاڻ کي ناهيون؟
رهن چو عڪس اڻ پورا؟
ڪريون سپ خواب هي پورا،
رکي ايمان بس سچ تي،
رڳو انسان تي وڃجي!
هڻون هڪ پيار جو نعرو!
بدلجي جڳ وڃي سارو!

❍

نيرانا ئي نيڻ - مريم مجيدي

موهن، ميران پاڻ ٻئي!

موهن هٿ ۾ بانسري،
ميران پيرن ڇير،
چمڪائي ٿي ڇيڳ مان،
صبح، سانجهہ، سوير،
نچندا نينهن نسنگ سي،
هوندي جنهين هير،
صدين کان سي ساڳيا،
سندا چاهت پير،
نڪي عشق اُجهاڻو
نڪي بيٺا هي پير،
موهن، ميران پاڻ ٻئي،
ناهي ٻيو ڪو ڪير!
تنهنجي هٿ ۾ بانسري،
منهنجي پيرن ۾ ڇير!

❍

ٻوٽيل دل جي ڪليساتي

محبتون مسيح جيان،
سڪ جي صليب تي،
زخم زخم آهن ٿيون،
آس جي اُڪنڊي اُڃ،
سرابن جو آ صحرا ٻٽي،
عذابن جي آذان تي،
دردن چئي لبيڪ آ،
اڃا اسان جي ساھہ ۾،
وڏ سورن جا وڄن،
ڇهڪ چٽنگن جان ٻُري،
وجود کي ٿا ڪن پسم،
اڃا سياڳ سونهن جو،
چنل سڳو نہ آ ڳنڊيو،
صدائن جي دانهن سُڃي،
ادائون اجنبي ٿيون،
احساس جون عبارتون،
ٻوٽيل دل جي ڪليسا تي،
ائين آهن ڇڏي ويئون،
جيئن 'ايڏي' جي پينگهي ۾ ٻار!!!
○

www.sindhsalamat.com

ٿيان آئون رڪ پيار جي...

اڪيلي هي سوچي ويٺي!
چٽنگ دکي پئي درد جي،
جلي انهيءَ ۾ خاڪ ٿي،
ٿيان آئون رڪ پيار جي،
جهروڪي وقت مان وڃي،
جڏهن اُجهاٽل ڦلي جيان،
اوهان جي ياد ۾ چٽان،
اَچاتري ڪنهن نهار سان،
ڪٽي دل جي رڪدان مان،
هٿان ساروٽين جي چني.
متان! چندي ڇڏيو - پرين!

ٻہ ٿي گهڙيون ويچار جو،
وساريل سنگي سارجو،
اُهي لمحا کي ريشمي،
شبيهہ هئي ڪا شبنمي،
جڏهن ٿي ساهن سانديون،
ادائون سونهن ۽ عشق جون،
قرار پريون کي ساعتون،
مسافتون ۽ منزلون،
۽ جذبن ۾ هئي جا روشني،
متان! چندي ڇڏيو - پرين!

www.sindhsalamat.com

تڏهن اکين ها اجهاڳيا،
خوابن جا سڀ سفر سجا،
۽ پنڌ پهڻ ڪيڏا ٿيا،
بدن ماڳ جا هئا،
عبادتون اوسيئڙن جون،
وڇوڙن ۾ اسان ڪيون،
پڙهي سيپارا سڪ جا،
گهري ويساهن تي دعا،
انتظار تي جا زندگيءَ.
متان! چنبي ڇڏيو - پرين!

بهار ۾ آس اميد جا،
سڙيا پوءِ گلاب ها،
محبتن جي خوشبوءِ جي،
اُڏار هرڪا زخمي ٿي،
من مندر ۾ بس رڳو
ڪنل وفائن جو واس هو
جڏهن اهو سڀ سارجو
تڏهن ئي رک اُڏارجو
هوائن ۾ ڪٽي وڃي.
پلي! چنبي چڏ جو - پرين!
پلي! چنبي چڏ جو - پرين!
❍

ميرو سج

سج منهن جي راڄ جو
صدين کان ميرو سانورو
ڄڻ ته هن جي روشني،
سالن ڪنان وهنتي نه آ،
ڀاڳ ۾ ڀومي جي آهي،
ڄڻ اگهاڙو چانورو
۽ ڪڏهن وڻ ڦوٽ جي،
رُت، وقت تي پهتي نه آ.
❍

ذات جو ادراڪ

منهنجو دين، ڌرم ۽ مذهب،
جذبا آهن،
رسمون ناهن!
منهنجو ديول، مندر، مسجد،
جذبا آهن،
جايون ناهن!
منهنجا گوتم، رام، ڪرشن،
جذبا آهن،
پٿر ناهن!
منهنجو ڪائڻ، پيئڻ، پهرڻ،
جذبا آهن،
جنسون ناهن!
منهنجو ڌن، ڏراوت، دولت،
جذبا آهن،
سڪا ناهن.
آئون جذبن جي نگري جي آهيان واسي،
۽ اکرن جي نازڪ، نازڪ اپسرا سان،
نرمل، نرمل، ڪومل، ڪومل، گيت لکان ٿي!
❍

مونجهه! من ۾ وئي!

رات سان پيي رهان،
ڏينهن سان پيي رهان،
هن گهڙي پئي مران،
هن گهڙي پئي جئان،
اوجهرن جو اڱڻ،
ترورا، ترورا،
اوپرو اوپرو
سوجهرن جو جهان،
چڙ ستارو هجان،
ڪو خلا جو وري،
رقص ۾ پيي رهان،
پهڻ ٽيندي وڃان،
هي حقيقت ئي آ،
ناهه سپنو سڄڻ!
ڪاڻ ڪنهن جي ڪلان،
ڪنهن لئه ٿي رُئان،
مونجهه من ۾ وئي،
آهه چارا ڪري،
چو پئي ٿي لکان؟
چا پئي ٿي لکان؟
❍

سوين سوال ۽ هڪ جواب

ڪربل پاڳ اسان جا ڪيسين؟
ماتم ۽ عاشورا ڪيسين؟
ڪيسين استحصالي رسمون؟
آڻ ضمير مجيندا ڪيسين؟
پونءَ تي پيل ڏسي بربادي،
گڏجي هڪ ٿيون جُوءَ جا جهانگي!
سنڌ سڏي ٿي، اچ او ساٿي!

درد مچر جي باغي ٿيا هن،
ڪوڙ ڪُپت جا ٻُت پيا ڍاهن.
ظلمن ساڻ بغاوت آهي،
خون بها تا حساب چاهن،
خواب سجاڳي جا چو باندي؟
جاڳو جاڳو سنڌڙي واسي!
سنڌ سڏي ٿي، اچ او ساٿي!

بي ڏوهه سدائين سور سهون،
گگدامن وانگر ماٺ رهون،

هاڻ اُٿو ڌرتي جا ڌڻيءَ،
پاڻ ٻقا جي ويڙهه وڙهون،
ڪا ماٽيون ڏک ڪان آزادي،
هر جند ڏکويل آ ڏاڍي!
سنڌ سڏي ٿي، اچ او ساٿي!

اونداهه جي ڪاري وحشت ڪي،
هن ڏاڍ جبر جي دهشت ڪي،
ساٿين ساڻ نهوڙي وجبو
اُتساهي پنهنجي حشمت ڪي،
پاڻ پرهه جي پنڌ جا پانڌي،
ماڳ اسان جو صبح سياڳي،
سنڌ سڏي ٿي، اچ او ساٿي!

هڪ تي قسم ڪٽون سڀ سنڌي،
قوم يتيمن جيان نہ جئندي،
چنڊ نہ ڪوئي ماريو ويندو،
غريب وسندي هاڻ نہ ٻهندي،
ڪابہ خوشي نہ رهندي ماندي،
جوٽيون هڪڙي جنگ بلاتي!
سنڌ سڏي ٿي، اچ او ساٿي!
○

اي سرتي!

تنهنجا ڳوڙها، اي سرتي!
اسڪڊ ميزائل ناهن،
ناس ڪري سڀ وحشي،
تنهنجي لڄ بچائن.

تنهنجا سک ۽ سپنا،
اڄ يپي آهن يرغمالي،
ٿم پيل آهن آسون،
تنهنجو جيون خالي!

قلم چوونجاھہ هيٺ ڪڙائي،
ٽارچر سيل ۾ ڏوھہ باسائي،
ڀاڳ ڪنان تنهنجا ونڃن،
سڀ سوڏا سڀ خواب موٽائي!

مايوس نہ ٿي مارئي، سهٽي،
رات ڪا ناهي سدائين رهٽي،
ڄاڻ اجهو سڀ پنجوڙ ٽُٽندا،
بدلجي دنيا آهہ نئين نهٽي!

○

قومي جائزو

سالن صدين کان پاڻ سيئي،
هينئن هڪ ٻئي کان ڌار ٿي،
ڇا پيا ٿا ڳوليون؟
سچ تہ هر جاءِ سچ آ،
سونهن بہ ساڳي آ سدا،
فطرت جي هر هڪ ڇٽ ۾،
سن ۾ ۽ پٽ ۾،
پوپٽن جي هر رنگ ۾،
ڌرتيءَ ڏٽين جي چنگ ۾،
چوڙيلي جي چاڳَ ۾،
سورمن جي جاڳَ ۾،
معصوم ٻالڪ جي مک ۾،
تنهنجي منهن جي اک ۾،
مينهن ۽ نينهن جي مند ۾،
پنهنجي سانئڻ سنڌ ۾!
پر نہ سڃاڻي آهيون سگهيا،
هڪ ڪري، هڪ مُٺ ٿي،
سنڌ واسي هڪ ٻئي کي،
ٻڌي ۾ آڻي ناهيون سگهيا،
ڇو پيلا؟
اڄ ڏينهن تائين!
اي! پٽ جا لطيف سائين!

○

ڪاري آ چاندوڪي

ساروٽين ۾ سڏڪي،
سچ رنو ۽ مون سان،
ساري ديس ڌرتيءَ.

ڪيڏي هيڪل آئون،
اڄ پيي نٿهڻ اُس ۾،
ڳوليان تنهنجي چانئون.

وڏو وڇوڙن ونگ،
درد پيو تو پيڙهي،
يادن جا ڪهڙا ڏنگ!

ڏاها تنهنجي تات،
ڏهہ ڏهہ ڳوڙها ڏينهن ۾،
ڳاڙي ويٺي ڏات.

هيڏو ڏيهہ ڏڪار،
پٽڪو ناهي پونءِ تي،
ماري ٿي ماٺار.

ساڳي رات پروڪي،
چوڏهين چنڊ اونداهو
ڪاري آ چاندوڪي.

ساٽيهہ جي سُرهاڻ،
”مٿي منهنجي مٿي آهي“.
جنهن ۾ مجيدي پاڻ!

○

(بابا جن جي ٽين ورسي تي پيٽا)

گيت سچ جو لکون

ساھ ٻولي ٺڪو - زندگيءَ آ ڪٿي!
ڏيھ ۾ ڏينھن ڏنو - روشني آ ڪٿي،
درد ميڙا ڏسي - سِٽ چپن تي لُڇي،
ڏات ڏاڍي ڏکي - ڪا خوشي آ ڪٿي!
ھٿ ھٿن ۾ ڏين - دل ۾ ويڇا رکن،
ڪين ڪنھن جا ٿين - دوستي آ ڪٿي!
چاھ، ويساھ ويا - پيار پوڄا جدا،
پاڻ ماڻھو خدا - بندگي آ ڪٿي!
شال ٻيھر ھتي! - ڪو تہ ھوشو ڄمي،
ڪو تماچي اچي - تڙ ڏٽيءَ آ ڪٿي!
سنڌ: سَرھي ڏسون - ساز سڪ جو ڪٺون،
گيت سچ جو لکون - شاعري آ ڪٿي.

○

www.sindhsalamat.com

وڃايل موسم!

جُھڙ ڦُڙ مند ملھار ۾ ساجن،
پنھنجو ماندو ماندو ھي من،
ڇا ٿو سوچي، ڇاٿو چاھي؟
پنھنجي ڪائي موسم ناھي!
پنھنجي ڪائي،
موسم ناھي.
ٿي ميگھ محبت جي مينھوڳي!
وَسڪاري جيئن سار وسي ٿي،
جذبن جو آ جُھڙ جھڙالو
دل جو ارڏو انگل آرو
دردن جي ٿي ڪنوڻ ڪنوي،
احساسن جو آرھڙ آھي.
پنھنجي ڪائي،
موسم ناھي.
ڪا، ڪاري ڪڪري مڪليءَ تي،
ڪو پورو بادل ٿر مٿي،
ھُو پوڏيسر جي پٽ سڃي،
شل! ڇيڄ وڄھي بوندن ۾ پڇي،
سانوڻ، سنڌو ڪي پرچائي،
دمدمي تائين پاٽي ڪاھي!
پنھنجي ڪائي،
موسم ناھي.

www.sindhsalamat.com

لاڙ اتر، ٿر، ڪاڇو جيئي،
جيئي سنڌ، سدائين جيئي!
مهڪي ديس مٽي جي خوشبو
شام صبح پيا مرڪن مارو
سارنگ سپن جي سار لهي،
پونءِ تي سک اوهيرا واهي!
پنهنجي سائي
موسم آهي.
پنهنجي سائي موسم آهي!
○

نيري نُپ سان نياءُ نبيري

لهندڙ سج چڙهي جي ايندو
رات پڳهاري ڏينهن گهڙيندو
ڳاڙهي ڳوڙهي باک منهنجاران،
ڪرڻن جا ڪي ڪوٽ اڏيندو
پهر پهر جي پرڪا ڏيئي،
پونءَ سان ناتو نينهن ڳنڍيندو
مايوسين جون مهلون روڪي،
آشائن ڪي آهجون ڏيندو
نيري نُپ سان نياءُ نبيري،
ڌرتيءَ جا هو ڏک سيڪيندو
لهندڙ سج!
چڙهي جي ايندو!
○

ڳوڙها ڪير اُگهي!

اڄ چمي جيڏي ويرم،
صدين جيڏا سَريا غم،
پيار صدائون ڪن ماتم،
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
پٿر پٿر هيٺ حياتي،
چيپاتي آ وادي، واديءَ،
ماڪي ڪان وڌ منڙا ماٺهو
موت ڳيهي وئي مستيءَ ۾!
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
1205ع وارو زلزو
ربّ زِدني علمن جا،
خواب دعائون سات ستا،

ڳوڙهن جي تاريخ لکي،
”بالاڪوٽ“ جي بستي ۾!
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
سونهن لُٽي جت نيلم جي،
”جهلم“ جا ويا ٽهڪ ڪُٺي،
”مانسهره“ جو جوڀن هو
ڳم ٿيو پيانڪ پستي ۾!
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
* نين سُک، جا نيڻ ڏسو
رت رئن پيا هاڻ رڳو
ڏتڙيل جيون ڏولاون ۾،
ڏک جي زبردستي ۾!
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
سوڳ ۾ سڏڪي پونءَ سڄي،
پٽ پهاڙن ۾ ڪيڏي،
باغ يتيمي آهن پوکيا،
لاغرضي جي سُستي ۾،
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!
باتا بول، منيون لوليون،

* نين سک: ڪشمير جي ڪنهار نديءَ جو تمثيلي نالو.

ڦٽڪي لاشا سرد ٿيون،
لاوارث ٿيا گيت ۽ گل،
ڪهڙي راز الستي ۾،
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!

زخمي دل جي دنيا جا،
ميڙي گهايل سپ جذبا،
نسلن کي ڪو ڏيو ڏيون،
ساهس پريون هستي ۾!
ڪنهن جا ڳوڙها ڪير اُگهي!
دردن جي هن وستيءَ ۾!

○

سڏ!

ساهه سڏي ٿو آءُ پٿائي!
منهنجي من تان ڏک لُٽي وڃ!
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

چوڏهين جي چاندوڪي جهڙي،
اونداهيءَ ۾ جوت اُٽي وڃ!
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

سڪ جون سارون سڏڪن پيئون،
تن جا صدما سور ڇُٽي وڃ!
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

قرب قرابت وسريا جڳ کان،
آرٿ اڏي ڪو پيار پُٽي وڃ،
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

اَڻ سونهَن آ ماڳ وڃايو،
سُونهان ڪائي واٽ ڏُٽي وڃ،
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

مون کي حق جي ڳالهه ٻڌائي،
مون کان سچ جي ڳالهه سُٽي وڃ!
پاڳيا پنهنجي پونءِ پُٽي وڃ!

○

آ ويساهه!

پرهه جا ڳوڙها اُگهي،
رت ورني شام تي،
ڏاڍ ڪان گهبرائجي،
سج ويو اُپ ۾ لڪي،
ڏينهن تي ڏاڙو لڳو،
رات تي نپت انڌي،
ترورا تڙڪي پيا،
سوجهرن سائي لڳي،
ڇو سويرا ديس جا؟
مُورون ويا پاٽان رسي،
ڪوڙ ڪيا ڪامڻ وڏا،
يا بدنظر جي آ نگي!!!

○

رواجن جي دنيا

هي بہ وني آهي وريتي،
جوين ماٽيل ۾ گهر، گهريتي،
اُڊڪي، اوني ۾ تي گهاري
ڳٽتين ۾ پئي جيون گهاري
جُنگ جوان جي جيڏو ٽيندو
ڇا ڪو منهن جو روپ بہ رهندو؟
ڳاڙهو جوين جهولاٽي جيئن،
روڪي سگهبو نيٺ ڀلا ڪيئن!

هي بہ وني آهي وريتي،
بالجتي ۾ تي گهر، گهريتي،
ڪهڙا سپنا، ڇا جون سوچون؟
ڪين تي سمجهي من جون موجون،
جوين جنهن دم جهومي ايندو
ساٿ سهاڳ نہ تڏهن رهندو
هيڪل گهاري سگهندي ڪيئن!
جبل جهڙا جيون ڏينهن!

نار نماڻي هاءِ! نياڻي!
رسمن گهاٽي ۾ جا گهاٽي.

ريت وڏن جي اجا اهائي،
پنهنجي پر مان نہ وڃي ڇائي.

هي آهہ عذابن جي دنيا،
ريتن ۽ رواجن جي دنيا.

مون هٿ ڪنيو هو!

موهن دڙي جي،
ويران آثارن ۾ گهمندي،
قديم گهٽي جي هڪ سوڙهي لنگهه تان،
صدين جي پنڌ تان،
ٻڌم هڪ پڙاڏو
”تون ڪاري آن، تون ڪاري آن“
مون چرڪي، هراسيل نگاهون ڪٽي،
ڌرتي جي پرت ۾ لٽيل ۽ ڪاراٽيل،
ماضيءَ جو منظر چتائي ڏٺو
ڪنهن ناري کي ڪاري ڪري پٽي ڪنو ويو!
هزارن ورهن جي اڳ ڪان،
تصور ۾ گم ٿي،
احساس جي اک سان،
تڏهوڪو هي خوني،
۽ ڦهري نظارو پسي،
پروڙي مون ورتو هو
موهن دڙي جي تباهي جو ڪارڻ!
۽ سماجي ڪنورتا جي ابتدائي نُک کي!
انهيءَ دم - ها انهيءَ دم!
پنهنجي هن قومي ورثي جي،
تاريخي تهذيب، تمدن جي،
عظمت تان!
مون هٿ ڪنيو هو!
۽ ننڊ منجهاران چرڪ پريو هو!

www.sindhsalamat.com

شاهہ سيد ۽ سنڌ!

مون وٽ گيت - قومن جي آزادي آهن،
جُهڙ ڦڙ مند گلابي ناهن!
مون وٽ بيت - پٽ ڏٽيءَ کي پيٽا آهن،
لفظ ڪتابي سڪٽا ناهن!
مون وٽ سوچون - ’مجيدي‘ جيئن عوامي آهن،
وڏ، وڏيرا شاهي ناهن!
مون وٽ لوچون - ٻارهو سورهيہ سيلاني آهن،
سيلابي يا باراني ناهن!
مون وٽ نظريا - شاهہ، سيد ۽ سنڌ آهن،
تنهنجي منهنجي جند ناهن!

○

www.sindhsalamat.com

يادن جي ورلاپ جي موسم!

سياڻ بہ ساڳي موسم هوندي،
يادن جي ورلاپ جي، او پيارا!
ساڳيو سورن جو
سج اُڀرندو
ساڳيون گوندر گهٽائون اُٿنديون،
بوند برهہ سان،
غم جا بادل ايندا،
جهرڪيون گيت جدائي جا،
جهونگاريندون ۽ ڳائينديون.
پيار جا پوپٽ،
ريشم جهڙن نرم اوسيئڙن جي،
انڌلٺ آڳ دکائي دل ۾
سِڪ جا ٻارڻ ٻاري
توکي ساهن سان سارين‌دا
ڪين وساري سگهندا،
هن حياتيءَ ۾
توکي جيڏا!
سياڻ بہ ساڳي موسم هوندي،
يادن جي ورلاپ جي،
او! پيارا!

○

وڇوڙي جي پيت!

اڏ صديءَ کان پنهنجن ساريو،
ڌرتيءَ کان ئي ڏور گذاريو،
ڪيئي چنڊ ۽ سج لهي ويا،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ کهي ويا،
ساٽيهہ جو ويراڳ ٿي وياسون،
بند اکين جا خواب ٿي وياسون،
دنگ وِرهہ جا ڏسندي، ڏسندي،
سِڪ جي سڳنڌ ويئي وڌندي،
وقت ڏني پر آٿت دل کي،
آس چڏيسون سرحد تي پوکي،
پاڻ سپن وٽ ثواب هو هڪڙو
علم، ادب، احساس هو هڪڙو
ماءُ مٺي جي مٺڙي لولي،
جيئي سنڌ! ۽ سنڌي ٻولي.

شاهہ، سچل ۽ سامي ساڳيا،
سپني ساهن ۾ ٿي سانڍيا،
نيٺ سالن جا بند ٽُٽي پيا،
آشائن جا ورد ڪَٿي ويا،
اهڃاڻ امن جو بنجي ويئي،
”1 سونهري رنگ جي ڪاراڻ“، هي،
”2 سروم دکم“ ٻہ سکي!
پيار امر جي آ وات ڏسي،
ڳڏجي هاڻ جمالو ڳائن،
سنڌ امڙ سان نينهن نڀائن،
پاڻ ”ومي“ اڄ پاڪر پايون،
جيجل آڏو سيس نمايون!
جيجل آڏو
سيس نمايون!

❍

* ڊسمبر 2004ع تي هند مان آيل هندو اديبن سان مڪلي ٺٽي ۾ ملڻ واري ڪيفيت
1. هند جي شاعره ومي سدارنگاڻي جو شعري مجموعو.
2. منهن جو (مريم مجيدي) جو شعري مجموعو.

هار ايل لفظن جا لشڪر

تنهنجي وڇوڙي جي خاموشي،
منهنجي قلم کي ماٺ ڏئي ويئي،
تخليق جو تختو اونڌو ٿي ويو
هارائي ويا سڀ لفظن جا لشڪر،
ڪنپي ڪٽي وئي سوچ کي اونداهہ،
جذبن پيتو جام - شهادت،
ڏات جي ڪک مان ڪو سج سگهيو نہ اُڀري،
ڪائنات ڪلا جي ڪاري ٿي وئي،
ڪارا ٿي ويا سارا اکر،
منهنجي قلم کي ڪيڏي گهري ماٺ،
تنهنجي وڇوڙي جي خاموشي ڏيئي ويئي!

❍

هڪ سال نئون هي آيو وري

ڪجھ اسان وساري ڇڏيو پرين،
ڪجھ اوهان نہ ساريو سڏيو پرين!
تي خواب ويا خاموش صدمو
تي آس ٿري اُداس لمحو
بي رخي جي پئي باھ ٻري،
بي چين اکيون ٿيون ميڻ ڳري،
هر ڏينهن اسان جو هو زخمي،
هر رات تي گذري لڙڪ پني،
ڪنهن ڏنڀ ڏنا، تي گل پيا،
ڪنهن ڪنڊن جهڙا ڏيا ڏنا،
ڪي ڏوَر ويا ڪي سال ٿيا،
ڪي سج ٻڏا، ڪي چنڊ لٿا،
ڇاڇا نہ سٺو مون تو ڪانسوا؟
ڇا ڪين وڃايم تنهنجي بنا؟
نہ جيت هئي نہ هار هئي،
نہ ميت لڏي ڪا سار هئي،
بس هڪڙي وائي وات رهي،
بس تنهنجي هردم تات رهي،
شل! منهنجي دعا ڪا ربّ ٻڌي،
شل! توکي ڪوسو واءُ نہ لڳي،
هڪ ڀيرو ملون شل! پاڻ ٻئي،
هڪ سال نئون هي آيو وري!

○

لکبي ڪا تاريخ...!

چند شهادت ماٽين پيا،
هٿ اونداهي جا هٿ وڌا.
مهٽي هاب چپن جي خوشبو
الزام گلابن تي بہ لڳا،
رهزن تي آ پاڻ پرستي،
وحشت جا جهنم جاڳي پيا،
آدرشن جو پيليو تقدس،
احساس ضمير سڀ پٿر ٿيا.
قتلام ٿين پيون سهٽي، مارئي،
هو پيٽ تي ڏک جا ڏوهيڙا،
بي سُرت جياپي ڪان آسون،
ڇيهاڙيل دامن خوشين جا،
پنهنجون پاٽان ارٿيون ساڙي،
جذبن جا جوين رک تي ويا.
مظلوم اکيون ٿيون ماتم ڪن،
خواب لٽيل تا ڳاڙين ڳوڙها،

اُجڙيل من ۾ زخمي وستيون،
درد ۾ ورتل دل جا قصا،
ذهنن جي هن باغيءَ پوڻ تي،
پل پل چٽجي پيئي ڪٿا،
هر روح جي اذيت گهر ۾ اڄ،
انسانيت تڏو وڇايو آ،
انصاف جي آهي عُذر خواهي،
معصوميت جا بيوس سُڏڪا،
هن جُڳ ڪان قيامت ٿائين!
ساچاهہ سچ جا ساکي ٿيندا.
انساني حيوان پٽي جي،
ماڻهپ جي بي موت مرڻ جي،
نياءُ هٿان انياءُ ڪرڻ جي،
لکبي ڪا تاريخ جڏهن هت،
تاريخ جڏهن هت لکبي ڪا!!!

○

ديس جي اٿين سورمي

پنهنجي نالي جي تصوير، مٽ نہ هن جو ڪو بہ نظير،
سنڌ جي نياڻي شهيد راڻيءَ، مظلومن جي آس اُڪير.
جيئي، جيئي بينظير!
هن جا سڏ پڙاڏا ٿيا، دشمن جو هاڻ هڄائي ويا،
هرڪو ٻول عوامي ٻولي، انقلابي هر تقرير.
جيئي، جيئي بينظير!
وحشي رهزن، قهري قاتل، ڏيهہ سڄي کي ڪيو جن گهائل،
رت جي خوشبو ساڻ لکي وئي، عشق جي ڌرتي جي تقدير.
جيئي، جيئي بينظير!
ڪونج قطاران وڇڙي وئي، تاري وانگر ڄاڻ ڪڙي وئي،
سڏڪن جا سمنڊ اُٿلي پيا، زخمي خوابن تاڻيا تير.
جيئي، جيئي بينظير!
مات ڏني هن مردن کي، سسئي جي سورن، دردن کي،
جمهوريت کي جيون ڏيئي، ٽوڙيا آمريت جا زنجير.
جيئي، جيئي بينظير!
ڪربل جي هن ريت نڀائي، ”ڀٽو ازم“ جي ساک مڃائي،
سورهيہ پيءُ جي دلير ڌيءَ، آزاديءَ جي ارڏي هير.
جيئي، جيئي بينظير!
پاڻان اربي امر ٿي آ، سچ کي ڏيئي عزت وئي آ،
تدبيرن کي هن ماڳ ڏسيو جڳ جا جاڳايا ضمير
جيئي، جيئي بينظير!
ديس جي اٿين سورمي آهين، قوم سڄي جي پيڙ سڏائين
هر ڪو من اڄ ماتامي آ، تاريخ رچي ريٽي تحرير
جيئي، جيئي بينظير!

○

محترمہ جي شهادت 27 ڊسمبر 2007ع تي

ڪالهه ۽ اڄ!

ڪالهه ٻڌوسين ”سچ تہ بيٺو نچ“
اڄ ڏسون ٿا، سچ تي ڪيڏو مچ!
ڪالهه ٻڌوسين، ”ست قرآني سنڌ نياڻي“،
اڄ ڏسون ٿا، هر جاءِ ڪاري آهي نماڻيءَ،
ڪالهه ٻڌوسين، ”ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ“،
اڄ ڏسون ٿا، سڀ نسورو ڪوڙ
ڪالهه ٻڌوسين، ”عشق نہ پُڇي ذات“،
اڄ ڏسون ٿا، ذات بنا ڪا ناهي ڏات،
ڪالهه ٻڌوسين، ”سائين ڪرين سنڌ سُڪار“!
اڄ ڏسون ٿا ڏيم اڏڻ سان ٿيل ڏڪار!

○

www.sindhsalamat.com

اها اصل ڪهاڻي آ

وقت ارڏي، اڏنبر مان
مون کي چيو هو ٿوڪ هٽندي،
آءٌ آهيان، ’وقت بادشاهہ‘،
سدا امر ۽ سدا حيات!
تنهنجي آهي حقيقت ڪهڙي،
جَرتي پاڻيءَ جي ڦوٽي جهڙي،
صبح ڄمي ڄڻ شام مرين ٿو،
جهڙوڪر هڪ ڏينهن جو،
اُپرندڙ آهين سج اڪيلو،
ماٺ ميٺ ۾ پرهہ ڦُٽي جو
ڪائنات جي ڪک مان جنمين ٿو
هوريان، هوريان زورا ور ٿي،
سگهہ وٺي، وقتي ساري ڌرتيءَ کي،
تاءُ تکي سان تائين ٿو،
۽ تون سج وانگر پانئين ٿو
پنهنجو پاڻان جيءُ جياپو،
ساري جڳ جي جيوت جو،
شام ٿيندي، رت اوڳاڇي،
ساٽو ٿي، سهڪي سهڪي،
رات جي هنج ۾ منهن لڪائي،
مري وڃين ٿو ڪنهن ڪاري،

www.sindhsalamat.com

ءِ اونداهي ٽڪري پويان،
ٻئي ڏينهن تي صبح ڄڻي ٿي،
نئون ڪوسج وري،
تنهنجي ٿو واڙي جاءِ!
ان جي هام هٿيلي ڪي،
هوڏ ڪوٺيندي، مون هو وراٺيو
ڪيڏو تون آهين پورو
آءُ اُتم 'انسان' آهيان،
ازل کان ابد تائين ٿو جيئان!
ديس جي مٽي منهنجو آهي ماڳ،
ان جي خوشبوءَ جي 'مهانتا'
منهنجو بنجي ٿي سڀاڳ،
منهنجو جيون تعمير ڪري ٿو
قومن جي، تدبيرن جي
ءِ تهذيبن جي تقدير ٺئي ٿو
منهنجو موت وري
اي وقت!
تنهنجي ٿي تاريخ وڃي ٿو
تڏهن تون سڏجين ٿو 'بادشاهہ'!
تنهنجي سوچ سراپا هي،
ڪيڏي نہ ٻاراٺي آ،
ساٿ سلهاڙيل پاڻ ٻنهي جي،
اها، 'اصل کهاٺي آ'!

○

www.sindhsalamat.com

دنيا بدلجي پيئي...

دنيا بدلجي پيئي - تون بہ بدلجي وڃ!
او بابل!
تون بہ بدلجي وڃ!
ڇڏي ايمانَ، آنا پرستي،
هي ٿانءِ ڀريل هوڏ ءِ هستي،
هي ڪُڏيون رسمون پوري پءِ ڄ!
او بابل!
دنيا بدلجي پيئي - تون بہ بدلجي وڃ!
هي جا تنهنجي ڄائي آهي،
ڪوڏن ساڻ نپائي آهي.
جيجل بخشي پنهنجي ٿڃ!
او بابل!
دنيا بدلجي پيئي - تون بہ بدلجي وڃ!
جا ست قرآني ڏيءَ نياڻي،

www.sindhsalamat.com

ياڳ پري جا سڏين سياٽي،
تنهن جون آزيون منٿون مڃ!
او بابل!
دنيا بدلجي پيئي - تون بہ بدلجي وڃ!
پڙهڻ ۽ لکڻ کان رکن جي عاري،
ڪوڙ دغا سان ڪن جي ڪاري،
تون سيني تي آڳر سڄ!
او بابل!
دنيا بدلجي پيئي - تون بہ بدلجي وڃ!
او بابل - او بابل!

❍

ساروٽين جو ثواب

دل جي اُڌوڙيل ڏاڳن کي،
آس اميدن ۾ ٻڌي جُهوڙي.
مون جذبن جي پڪ پروسي تي،
ڏڍ دلاسا پاٽان ڏيندي،
چاهت جي ڳڻ ڳوت ڌري ڪا،
سورن کي سو سيبا ڏيئي،
اوسيئڙن جا ٽانڪا هٽي.
سک جو آپرو سپرو ڪو،
سک جي ست رنگ ريشم جو،
جيون تي هر مڃ آهہ پريو،
احساسن جو آ ساٿ رهيو.
قربن جي هن ڪرت ۾ سائين!
ثواب رهيو آ شامل جيڏا.
ثواب رهيو آ،
شامل جيڏا.
تنهنجي ساروٽين جو سدائين!

❍

آزادي ٿي نوحو ڳائي!

اولهه، اوڀر، ڏکڻ، اُتر،
ابو غريب جا اذيت گهر.
انصاف لتاڙيل آباديون،
۽ قيد ضميرن سان تعديون.
ڪنڌ مروٽيل حق انساني،
طاقت جو آسيب غلامي.
سچ جي هر جاکوڙ اجائي،
گولي ڪاڏل آهه سچائي.
ڪوهلو وانا، بيروت ۾ هي،
تخليق خدا جي چٿجي پئي.
هت چچريل جيون ڦٿڪي پيو
هُت سڏڪو زخمي ڌرتيءَ جو
ڏاڍ جلاد جا هيڏا هاڃا،
ڪوس اَمن جو رت جا راڳا.
بم اڏارون، بارودي دڳ،
ويڙهه وڙهي پيو مهذب جڳ،
دنيا ڏاڍن آڏو هيٺي،
ڊنل انسانيت هيسيل ٻيٺي،
آدرشن جو ماتم آهي،
آزادي ٿي نوحُو ڳائي!

○

پيٿام پنهنجي بابا کي

سنڌ جا اي! سڄڻ، سار تنهنجي اچي.
ديس توکي سڏي، سور ڪيئن پر مچي!

ماتمي موسمون،
درد جون دهشتون،
وحشتون پونءَ مٿان،
اڄ بہ ساڳيون اڃان،
ڪوس جا ڪربلا،
درد جا سلسلا،
شعر رت سان رچي،
سار تنهن جي اچي!
سور ڪيئن پرمچي!!!
بي بلو آڃپو
ماٺهپو بي وضو

بندگي بند ۾
زندگي ڏنڊ ۾
لفظ گونگا گهمن،
ڏس ڪوي جو پچن،
ڪاج قومي مچي،
سار تنهن جي اچي!
سور ڪيئن پرمچي!!!

هت امن ۽ خوشي،
روز ڪن خودڪشي،
هر نئون سوجهرو
مات ميرو ڪيو
وقت رهزن هٿان،
رات راڪاس ڪان،
ڪيئن پلاڪو بچي!
سار تنهن جي اچي!
سور ڪيئن پرمچي!!!

چٺو ڏسائون ڪڙيل،
انڌا، انياءُ آجهل،
سنڌڙي آهه اُجي،
هي چيهاڙيل چُني،
جام جهوڪون ڊهن،
قيد ڳيرو ڳهن،
سوچ سيخون پچي.
سار تنهن جي اچي!
سور ڪيئن پرمچي!!!

ديس جا رهگذر
جاڳ جا ڳوٺ، گهر

www.sindhsalamat.com

نيرانائي نيڻ - مريم مجيدي

ايڪتا جو پرم،
انقلابي عزم،
سڀ ڪتا ٿي پون،
سچ بيٺو نچي.
سار تنهن جي اچي!
سور ڪيئن پرمچي!!!

ديس توکي سڏي،
سنڌ جا اي سڄڻ!

○

www.sindhsalamat.com

امن جي وات

تنھنجي منھنجي،
گھر جي وچ مان،
امن جي وات،
ڊھي وئي آھي.
موت جو ڪارو ڪاريھر،
پنھنجي ڦڻ تي،
بارودي پل آڏي،
ٻنهي گھرن کي،
ڳنڍڻ جي ڪوشش ۾،
ڪيئن نہ رُڌل آھي!

○

خاموشي جي اميد!

تنھائي جي ويراني ۾،
خاموشي جي اميد ٻري ٿي،
مايوسي جي ڳاڙھي ڳل تي،
گلاب چپن جي آھي،
خوشبوءِ وکريل،
چاھت جي چنچلتا ۾،
ٽھڪن جا رابيل ٽڙن پيا،
اج پيي!
منھنجي من ۾ آھن،
محبت جي امانت جا
ايئن!
جانڪيل سارا پل،
ڊائري جي ورقن ۾،
جيئڻ،
سالن کان،
سنڀاليل رکيل گل!

○

اي! بينظير شهزاديءَ!

اي! بينظير شهزادي!
هن ديس اُداس جي آزاديءَ!
تو بن آهي ننڌڙڪي ٿي،
هي سورهن ڪروڙ آباديءَ،
اي بينظير شهزادي!
اڄ جاڳرتا جي نسلن جون،
سڀ تحريڪون قتلام ٿيون،
تدبيرن کي ڪاٺ لڳي ويا،
جمهوريت ڏي اوچنگارون،
ويساهن آ گولي ڪاڏي.
اي! بينظير شهزادي!
پل ۾ موسم ٿي غم واري،
دل ڌڪي ٿيون هنجون جاري،
ڳوٺ نگر سڀ سوڳ ۾ سُڏڪيا،
ٻار ٻُڍي ۽ پٽيو هر ناري،
گهر گهر ڪان چڻ وچڙيو پاتي!
اي بينظير شهزادي!
ڳوڙها ڳاڙيا ڪيٽي بندر،
ڦٽڪيو قمبر ۽ ڪارونجهر،

شان عظمت راڻي ڪٿيو،
هارائي ويو ويري ڪائر،
ڏيهه سڄو آهي فريادي!
اي! بينظير شهزادي!
سونهن مقدس شهيد وئي ٿي،
ڌرتي رت کي چُمي ڏيئي،
مظلوميت جي مٿي ۾ آ،
پوکي تنهنجي روشني،
قومي سوچون انقلابي،
اي! بينظير شهزادي!
تون شاهه پٺائي جي وائي،
تون سنڌ سپاڳي جي ڄائي،
بي باڪ بهادر سورمي تون،
بيشڪ! تون انعام خدائي،
تنهنجو نياپو پيار عوامي!
اي! بينظير شهزادي!
امر ۽ اڻ مٽ تنهنجو نام،
سنڌ ڪري ٿي سرخ سلام،
منهنجا تون تي لک ڪلام.
اي! بينظير شهزاديءَ!
هن ديس
اُداس جي
آزاديءَ

○

تنهنجي ڪارڻ

تنهنجي ڪارڻ
منهنجا جيڏا،
مون هي ڪيڏا،
سانگ سجايا،
جوڳ پچايا،
توکي ماڻڻ،
منزل چاڙهڻ،
لاءِ سدائين،
هن پل تائين!
صدمن سامهون،
صدين کان مون،
اوسيئڙن جا،
انبور سٺا!
پر نہ لڌي ڪا،
پر گهور سجڻ!!!
○

پنهنجن ۾ پرمارو!

ڪالهہ پراون ساٿ وڇوڙيا،
ڌرتيءَ ڌارين ڏنگ اکوڙيا.
سرخ سرحد جي ريت نباهي،
لال لهو سان ليڪ هٽائي ٿاهي.
اڄ هت ڪو بہ پرائو ناهي،
ڌوهي، ڊوهي، ڌاريو ناهي.
رت ۾ ڇو پوءِ ڇيرو آهي؟
ڏکيل امن جو ڳيرو آهي.
پرماريت جي ريت بہ ساڳي،
ڳاڙهي، ريتي ليڪ بہ ساڳي،
ساڳيو قهر ۾ قمبر پسجي،
ڪنهن جي هٿ سان ڪير پيو ڪسجي!
ڇا تو اُن جو ڪرب سٺو آ؟
جيڪو نيٽڻ رت رنو آ.
سا تو ۾ ساڃاهہ ڪٿي!
سنڌ امڙ تنهن جي ماءُ ڪٿي!
اڃا تائين! ناهين جاڳيو
مئل ضمير بہ تنهنجو ساڳيو.
ڪالهوڪو قاتل ءِ ڪروڌي،
ڄڻ ڪو ڌاريو ويري، وحشي.
پنهنجن تي تون پنهنجو مارو
پنهنجن ۾ ئي تون پرمارو!

اسان سنڌ جي جاڳ آهيون...

اسان سنڌ جي جاڳ آهيون سڄڻ!
آجهڻ ننڊ جا نيڻ ناهيون سڄڻ!
سدا سچ وانگر سجاڳي رکيون،
جُڳن کان اوجاڳيل اسان جون اکيون،
اسان جوڳ کي جيءُ جو پانيو سمر،
ازل کان اسان جو آ جاري سفر،
شعور ۽ فڪر جون لتاڙي حدون،
تخيل جي دنيا کان اڳتي وڌون،
تصور جون تڪڙيون ڀرانگهون ڀري،
ڏيون مات ظلمات جي رات کي،
سوين سوجهرن جا سهيڙِي ڪٽڪ،
ڪريون ننڊ ولاٽن تي لشڪر ڪشي.

اونداهي جون ڏاهي گفائون، پناهون،
ٽوڙي لات منات جا ٻُت سيئي،
پوريون ڪوڙ جا ڪوٽ، ڪُفر جا قلعا،
جبر جي جٽن کي شڪستون ڏيئي،
فتح جي ڪري ماڳ تي روشني،
جنجهيل جوت سان ٿا جڙيون رهگذر،
آڏيون سک جون وسنديون ۽ سچ جا شهر،
چاندوڪي سا چلڪيل جاڳرتا جا گهر،
ڀٽائي جي پيغام جهڙا ننگر!
اسان سنڌ جي جاڳ آهيون سڄڻ!
صبح ڏانهن اسان جو آ جاري سفر!
○

جيون جهنمي گهنگهر!

هن جديد دؤر ۾
منهنجي دقيانوسي دل جي
هي آهي دعا!
شل! ڪنڊن هاٺي ٿاريءَ تي
ڪومل گونچ گلابن جو
ڦوٽهڙو نہ ٿئي
۽ نہ وري ڪا ناري ڀيي
جوڀن جو ميويدار وڻ بنجَي!
جنهن جي خوشبوءِ
آوارہ اکين جي عياشيءَ جو
ٻارڻ ٿي،
سونهن جي معصوميت
۽ ٻهشت جهڙن جذبن جو
وڃائي تقدس
بنجي وڃي ٿي جهنمي
جيون جو گهنگهر!
تڏهن انسانيت روئي ساري ٿي
گذري ويل ڪالهہ جي
ساهہ ڪانڌارينڌڙان اذيت ڪي،
جڏهن قديم عرب جي صحرائن ۾
ٿهڪندڙ واري هيٺ
دفنايو ويندو هو
جيئري پنهنجين نياڻين کي!
○

سچو سرويچ سنڌڙي جو!

ٻڌندي سنڌ جو سڏڪو
اُٿيو ٿي ڏيئي جو پڙڪو
ڏنو دشمن کي ٿي دڙڪو
ٻنهہ اڻ موٽ ۽ اڙٻنگ،
وساري ڪين کي سگهبو
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
سراپا سچ هن سوديو
هٽي ويو حق جو هوڪو
نڪي ورچيو نڪي وِٿو
مسلسل جنگ قومي ۾،
رکي ويو ننگ ڌرتيءَ جو
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
رهي ڪيئن، رات هٺيلي؟
وڃي چو ڀونءَ ڪا ڀيلي؟
سدا مارن سان ٻانهن ٻيلي،
مهاڏو ڏاڍ سان جوٽي،
رچي شعرن ۾ ٿيو شعلو،
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
اُملهہ ڳالهيون هيون هُن جون،
اکيون آليون رهيون اُن جون،

رهيون وارن ۾ اٽڪايون،
ڏهين مهيني جي ٻاويھ تي،
هو ويھ سو ست ۾ وڇڙيو
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
”ٻئي مهراڻ جون ڪنڌيون،“
صدين تائين پيون سارينديون،
عقيدت سان جهونگارينديون،
عوامي هو عوامن سان،
نياڻي نينهن ويو پنهنجو
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
سدا جا ساھ سان سانديي،
اها اڄ ڏات آ ماندي،
وياڪل ساٿ جا پانڌي،
سڏي تنهنجو ”نگر“ توکي،
ڪيڏانهن هُو انقلابي ويو
سچو سرويچ سنڌڙيءَ جو!
وساري ڪين ڪي سگهبو!
❍

جذبن جو جيئدان

آڪاش جي ڇاتي تي،
سڄاٽپ جو پٿر ڪوڙي،
وقت وفا جي،
ويڙھ وڙهي ٿو
جيون ڦيٿو
موت جي رٿ ۾،
ڦرندي گهرندي،
ڪنهن ڪان،
پنهنجو پاڻ گهري ٿو
جذبن جو جيئدان گهري ٿو.
❍

سنڌو!

جيون جوت جياپو آهين، تون ئي نيڻن ٺار مٺي!
موج نہ مستي تنهنجي مک تي، ايڏي چو ماٺار مٺي؟
سنڌو هانوَ ھار مٺي!
تڙ وڃن ٿا تاڪيا سارا، ڏم جڏهن ڪو ڏمريو آ،
سهٽي سان گڏ سير ٻڏي چا؟ پاڳا ٿي تک تار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
فرعون نڪو هت موسيٰ ڪو چر چڄي ٿيو ڦاڪون چو؟
چوهہ ۽ چوليون قيدي ٻنيون، لهر لهر سنگسار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
سچ پلا ڪيئن چهرو ڏوئي، جر پيوُ ٻڪ ۾ واري ڊوئي!
چنچل وير اُجايل تنهنجي، سو ڪهڙو اسرار مٺي!
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
شاهہ، سچل ۽ سامي سوڌو سُنهن کڻون ٿا ڌرتيءَ جو

ڏاڍائي جا ٻيم نہ اڏبا، ٻهندي هر ديوار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
ويري ونگ وڄهن پل ڪيڏا، تون سان ساهہ سريڪا رکبا،
ڏاهي ٿي ڏس! ڏاهي ٿي، منٿون مڃ هڪوار مٺي!
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
امرت ڌارا جي تون وارث، سنڌ امڙ آ تنهن جي وارث،
پنهنجن جي آ توکي پارت، سنڌين جي لهہ سار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
پونءِ جا پاڳيا سپ آهن جاڳيا، پاڻي، پاڻيءَ چاهن ٿا،
لاڙ سڄو ماڻيندو موجون، جل ٿل تنهنجو پيار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.
تنهنجون چوليون چيرون پائي، گجگوڙن سان ايندين ڪاهي،
لهرن جي هر لوڏ ۾ ٻُڏبي، جهانگين جي جهونگار مٺي.
سنڌو هانوَ ھار مٺي.

○

ٻاگهل جهڙي ڏيءَ مني . . . . . !

کري سنڌ امڙ ماتام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
نار نماڻي ابهم پياري - ڪونج ڪاتاري هوس شڪاري،
وحشين جي ڦاٿي دام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
هي ٻاگهل جهڙي ڏيءَ مِني -هي ماُرل وانگر معصوم مُني،
ڪنهن ڪِيس ڪيو ڪهرام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
انسان ڦري آ شيطان ٿيو – ديو ڪام جو ٿي آ غلام ويو،
ٿي ڪاري پوءِ قيام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
بي لڄ نہ ڪنهن جو پاءُ سياءُ - ڪا هن جي ناهي پيڻ ءِ ماءُ،
بدڪار برو بدنام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
ڪهڙي تہ عدالت ءِ فتوي - سو ڦاهيون ڏيو ءِ هڻو ڦٽڪا،
سر - عام ڪريو قتلام الا!
وو - واويلا، وو - واويلا!
کري سنڌ امڙ ماتام الا!

○

معصوم ابهم نياڻين سان ٿيندڙ ڏاڍائي خلاف

بيوسي جون پوڳنائون

جڏهن بيوسي انتها تي
رسندي آهي
تڏهن سونهن ماٺيندي آهي
۽ خوشي ڏک جي
سوڳ ۾ ورتل بهارن جا
سيئي چٽيل ڳهہ ڳتا ۽
سڪي ويل چانورا
لاچاري جي هٿن کي
سونپي چوندي آهي
رولاڪ نصيب ڪان
وچوڙيل سُکن جي
پوڳنا جو بار
هر دل کي پاڻ ڍوئڻو
۽ هنداڻو مقدر آهي!

○

ڪُنل ڪٿائون ڌرتيءَ جون

سڪڻي دنيا سڪڻا ماڻهو هر ڪا جهولي،
ڪائوڪچ!
ٻنپي ٻنپي تي ٻاڪاري پيو ٻار نڌڻڪي،
وانگر سچ!
پهتيون ڪين پڄاڻي تائين، چين سڪون جون،
آڪاڻيون!
احساسن ۾ دهشتگردي، ڪيئن مچائي،
ويڻي مچ!
قومي شعور آ هٿين خالي، ڏيهه ۾ ڏاهپ،
ڏوهي آ!
آزاديءَ جو اظهار گهري ٿي، ڏات اسان کان،
ڪيڏو ڳچ!
رت رئاري روز وڃن ٿيون، ڪنل ڪٿائون،
ڌرتي جون!
سورن جهنگ ۾ باهه ڏيون پيا، هٿ ونڊائڻ،
لائي اچ!
هٿ ونڊائڻ،
لائي اچ!

○

واهه! پليجو!

مشرق تي احسان پليجو
ڌرتي تي انسان پليجو
دنيا کي جاڳائڻ وارو
ڄائو سنڌ امڙ جو آهي،
سنڌين جو آ ساهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!

ڏاهپ، ڄاڻ، فڪر ۾ يڪتا،
سوچ سمنڊ کان گهرا نُڪتا،
ڏاڍا ڏونگر ڏارڻ وارو
ڏاهو ڏيهه نگر جو آهي،
جذبو جلوو جاهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!

هي خلق خدا جو پيارو آ،
آواز عوامي نعرو آ،
جاڳرتا کي آڻڻ وارو
راڻو ديس دولهه جو آهي
رهبر، رهنما، راهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!

ڪوڙ ۽ سچ کي پرکي ويٺو
سوپ ڪٿي ۽ مَرڪي ويٺو
مُورکِي منزل ماڻڻ وارو
پاڳيو بهادر پونءِ جو آهي،
تحريڪ ۽ اُتساهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!

ون يونٽ جا وکڙ وڌائي،
وستي، واهڻ وات بنائي،
ڊيم دغا جا ڍاهڻ وارو
سرواڻ سچائي جو آهي،
نتهڻ ۾ وڙاهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!

ويرين تي هي وار ڪري ٿو
ڌارين کي هي ڌار ڪري ٿو
ڌوتين تان ڌڪ لاهڻ وارو
پنهنجن جو هي پنهنجو آهي،
آتل ۽ ارڏو چاهه پليجو!
قومي قائد واهه! پليجو!
ظلم تي ڪاڪاهه پليجو!

(21 فيبروري 2012ع
پليجي صاحب جي 82 هين سالگره تي)

❍

قيدي آهيون!

عشق اسان کي سزا ڏني جا،
ڪاري پاٽي،
جنب قيد،
ڪاٽڻ جي،
اڄ عجب انصاف ٿيو آ،
ڪارو پاٽي،
اسان جي،
اکين ۾،
پاڻ اچي تي قيد ويو آ،
ڪارو پاٽي،
۽ آئون،
قيدي آهيون،
هاڻ ٻئي جڻ اکين جا.

❍

بغداد ٿيو آ

سنڌي ۾ هڪڙي،
عام آهي چوَڻي!
"ڪيڏو هي بغداد ٿيو آ!"
سال صدين کان پوءِ ڏس!
رت رڱيل ڳاڙهي، ريتي،
پونءَ مٿان!
بارود بمن جي وسڪاري سان،
قتلام ٿيو آ ڪربل جهڙو
بيداد ٿيو آ بين الاقوامي!
اڄ حقيقت ۾ پرماريت جو
ڪيڏو هي بغداد ٿيو آ،
بغداد سان ٿي بغداد ويو آ!
❍

سرد دونهان

اڃا تائين - دل جا ڊهن پيا ٿا ديول،
اڃا تائين - ساهن ۾ سرجن سور ساڳيا،
اڃا تائين - اُتت جيئڻ اُجارو آ ارواح،
اڃا تائين - وڇوڙن جا مذڪور ساڳيا،
اڃا تائين - دانهون سُڄن ديس ۾ ٿيون،
اڃا تائين - ڪونجن جا ڪنل ماڳ ساڳيا،
اڃا تائين - سنڌ جو آ گهايل بدن پيي،
اڃا تائين - پونءَ جا پيليل پاڳ ساڳيا،
اڃا تائين - ذهنن ۾ ٿو اهنڪار گونجي،
اڃا تائين - ٻچڙاين جا ٻحران ساڳيا،
اڃا تائين - نہ جلاوطن سگهيو ٿي ظلم آ،
اڃا تائين - نہ بدليو جڳ نہ انسان جاڳيا.
تڏهن گيت سمورا، ‘اي ساجن’
مون سڀ ڇڏيا ساڙي آهن،
اڄ رک رکي آ ميز مٿان،
پيا اُڏرن جنهن مان سرد دونهان!
❍

چنڊ چاهه جو!

چنڊ منهن جو چاهه جو
مون کان رهيو ڪيڏو اوپرو!
آءُ ڳهيلي هانو هنيلي ساڻ هيڪل،
جُڳ جُڳن کان آس لڳائي،
نينهن نهارن ۾ سمائي،
وات ۾ ويٺي رهيس،
هو دل جي ڌرتي مٿان،
پيار جا پيرا مٿائي، منهن ڦيرائي،
ڪنهن ڏوراهين دنگ تان،
ايئن پراون جيئن سدا،
ايندو رهيو ويندو رهيو
جڳ ۾ وکيرڻ روشني!
پر مون کي آربي ڪين سگهيو،
هڪڙو ڪرڻو قرب جو
ڪيڏو نه ڏس!
ڪنجوس نڪتو!!!
چنڊ منهن جو چاهه جو!
چنڊ منهن جو چاهه جو!

❍

هڪ بي معنيٰ اڌورو جياپو!

چاهت جزيرن ۾ ويرون چڙهن ٿيون،
تڏهن يادن جي پيتن ۾ ٻوڏون اچن ٿيون.
تُرها آسرن جا سيئي لڙهن ٿا.
دردن جي لهرن تي بيوس وچوڙا،
اُداسي جا آڻ ڪُٽ عنوان بنجي،
جيون جي جذبن جي ماڻي ڪُن مان،
ايئن موڙي آرس جاڳي پون ٿا،
عشق بلاول ۽ سرمد کي سوچي،
پوءِ زندگي جي گلابي بدن کي.
وفا جي امرتا سان آربي وجي ٿو
تتل دل جي ٿاءُ ٿهڪندڙ تي،
ساهن سان سيڪي خوشين کي،
پگهاري ۽ ڳاري، نماڻا نير هاري،
اکين جي اُتل سان وهائي ڇڏي ٿو.
تڏهن جيءُ سگهي تو جڳت ۾
هڪ بي معنيٰ، اڌورو جياپو!

❍

12 مئي جو سانحو

اي زمانا تنهنجي ڪُک ۾،
ڪيڏا سپجن سور ٿا،
سور جي ناسور ٻڻيا،
قوم جي تاريخ جا،
ڪيئي گهائل، ڳاڙها ڳپرو
ڪيئي ونيون ۽ چنيون،
ڇٽيل، ڇيهاڙيل ۽ ڪٽل،
پڙپانگ ۽ پنپور وستيون،
پون جون اُپٽيل اکيون،
پولار ۾ اٽڪي پيون.
سالن ڪنان هن ڏيهه جي،
هر سک ۾ ڪيڏيون، وڏيون،
نفرتن جا نيش سهندي،
اڄ رنيون، ڏاڍو رنيون،
ڪِيس ڪلاچيءَ ۾ ڏسندي،
اڄ رنيون، ڏاڍو رنيون!

○

مها ٻوڏ 2010ع

روح ۾ روٽيون پيون ۽ ساهه ۾ گهارا لڳا،
منزلن کي ڪنڌ ڪنپي ويا، دربدر چارا لڳا.

قيد ٽوڙي مانسرور ڪان هلي سنڌو مٿي،
واهُرو پرهت ٻه ويري دشمنن پارا لڳا.

ڪوڙڪي ۾ ٻوڏ جي درياءُ شاهه ڦاٽو وچي،
پونءَ ڏتڙيل ڏيهه پنهنجي ۾ ٻه ويچارا لڳا.

ائين مڪلي ۽ ڪراچي ۾ ٿيا مارو ڪٺا،
هر ڏسا ڪاري قيامت جا ٿي نظارا لڳا.

زندگي جي هر خوشي ڪان زندگي ڪسجي وئي،
ور، ونيون ۽ ٻار اَبهم سڀ درد جا ڏارا لڳا.

منگلي من ڪي هٽي پئي بند نيٽڻ جا ٻڌم،
بي آجها ٿيا مور ماڻهو لڙڪ منهن زورا لڳا.

آزمائش هئي اسان تي سازشن جي ڇيهه جي،
جيءُ جهريل ڊول جهانگي همتن وارا لڳا.

هاڻ پٽبا ڪين ٻُوڙا، سانَ ڀل ڪيڏا وڙهن!
سنڌ ۾ سنڌي سڀاجها، جاڳ جا نعرا لڳا.

○

نيرانائي نيڻ - مريم مجيدي

اهو ها هڪڙو شاعر آ

سچي تاريخ جو ڪاتب،
سڄي تهذيب جو وارث،
ضميرن جي سچائي سان،
خميرن جي سهائي مان،
سهيڙي سنڌ جا سڏڪا،
چٽي ٿو درد زخمن جا،
عجب دنيا عذابن جي،
اکين سان جنهن آجهاڳي آ.
اُهو ها هڪڙو شاعر آ.

اکر هن وٽ ثوابن جا،
رڳو قومي عبادت آ،
اُميدون، خواب، آزادي،
ڏراوت هن وٽ قومن جي،
ڇيهاڙيل چنڊ آ پونءَ جو،
خوشيون ڪسيل ستارو ڪو،
آڏي اوجهڙ آڏو ٿو آڏ،
ڪلا جي چٽنگ جاڳي آ.
اُهو ها هڪڙو شاعر آ.

اُسڙڪي اُڃ ۾ ڌرتي،
سڏي سنڌو پئي سرتي،
ٻڏي مظلوم ڪيتي جا،
اجا ٻہ ٿتو پيو سڏڪا،
ڏٺيڪي سنڌ پنهنجي جو
اجا سنڌي نڌٽڪو چو؟
خماريل ننڊ نيڻن مان،
ڪوي اُڃلي تياڳي آ.
اُهو ها هڪڙو شاعر آ.
پرهه جا پاند اجا ڪارا،
اجا موتون ۾ پرمارا،
اجا تائين نہ هن پون جي،
بهارن مند ڪا موتي،
اجا هت ڏات ڏوهاري،
ڏکن ۾ ڏيهه جو هاري،
اٽانگي عشق جي پنڌ ۾،
اواڳي واٽ واڳي آ.
اُهو ها هڪڙو شاعر آ.

ڪڏهن ٿيو نظم "مجيدي" جو
ڪڏهن "منشي" جو هو نعرو
ڪٿي ٿي "اياز" هي آيو
ڪٿي هي "سرويچ" سڏايو
"همايوني"، "بخاري" ٿيو
"وفا" جو پڻ غزل ٿي ويو
"سچل" ۽ ويندي سامي" ڪان،
"ڀٽائي" جي آجهل نينهن سان،
صديون هن جوءِ سڄاڳي آ.
اُهو ها هڪڙو شاعر آ. اهو سانگي يا ساگر آ،
مگر سچ جو پيغمبر آ. اهو ها هڪڙو شاعر آ.

O
*

* نوٽ: انقلابي ۽ عوامي شاعر محمد خان مجيدي جن جي شخصيت جي پس منظر ۾ لکيل

جنت ڏانهن موٽ

ڪالهه!
هڪڙو اُن جو داڻو
ڪائڻ عيوض
آدم!
تڙيو ويو هو
جنت مان!
وري ساڳيو
آدم!
ٻوڏ ستايل
بک جو ماريل
حشام ماڻهن جي
پيهه ۾ پيهي،
ڏڪجي، چڪجي،
لٽيون ڪائي،
هيٺ ڪري ٿو

پٽَ تي ڪريل،
داڻا ميڙيندي،
مچريل ماڻهن جي،
پيرن ۾ وچڙي،
چيچجي، چٿجي،
لتاڙجي،
اَن ڪڻي جي عيوض،
شهادت ماڻي،
وڃي پهتو آ،
جنت ۾!
اڄ!!!

○

قلم جو ماتم

اي! سنڌ جي راڻيءَ شهيد،
تون سورمي آن شاهه جي!
آدرش تنهنجي زندگي،
تاريخ هي قومي لکي،
ست جُڳ ڪئي تون روشني،
سک، آجپي جي راهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
قائد عوامي ڏيهه ۾،
تون بي مثل پرڏيهه ۾،
سرهاڻ هن ساٽيهه ۾،
سچ، سونهن ۽ ساراهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
سنڌو سپيتا جو حسن،
تون انقلابن جو ذهن،

تحسين لک سوچون چون،
مجتا مجنَ ويساهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
تون پر جهلو پونءَ جو پرم،
ارڏن ارادن جو عزم،
بي باڪ، باغي ڪو نظم،
هر ڏات نتهن جي واهه جي!
تون سورمي آن شاهه جي!
توکان وڇوڙيل گهر رئن،
مسجد رئي، مندر رئن،
انسان جا اندر رئن،
پيتا ڏين ساجاهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
ڳولا ۾ تنهنجي سچ اجان،
اُپري پيو آڪاش مان،
موهن دڙي، مڪلي مٿان،
ڪنهن آس ۾ اُتساهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
ماٺهو گلاب ۽ موسمون،
تنهنجي وفا جون منزلون،
شل! ماڳ ماٺين محبتون،
نتهڻ ڪُٺي اونداهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
سپ گيت ڪيڏار تيا،

ڳائي خوشي تي مرثيا،
لڙڪن نوان نوحا لکيا،
ڌرتيءَ ڏڏي هر ساهه جي.
تون سورمي آن شاهه جي!
منهن مٽ ويا تي سڀ وچن،
قاتل هنبوشي پيا هٽڻ،
سڏڪا ضميرن جا سُڄن،
دل ۾ جيي آڙاهه جي،
تون سورمي آن شاهه جي!
ماتم قلم جو ڇا لکون؟
اکرن ٽٽا پورا پئون،
سگهه کي سهيڙڻ ٿا گهرون،
هي بندگي آ چاهه جي.
اي! سنڌ جي راڻيءَ شهيد،
تون سورمي آن شاهه جي!

❍

سونامي

پنهنجي
ماتر ڀومي
سنڌ امڙ
جي
پونءِ پلاري
تي
ڌارين جي
”سونامي“
کي ڏسندي
اُلڪوٽئي تو
ساهه مُنجهي تو
سوچ فڪر ۾
گم ٿي جڏهن
ساٽائيءَ مان
آءُ سڏيان ٿي
اي! پٽ ڏٽيءَ
سچل، سامي
سونهان ٿيوا!
اي! شهيد عنايت،

مخدوم بلاول،
۽ آخوند صالح
واٽ ڏسيو!
ڌرتيءَ بچايون
ڌارين جي
يلغارن کان
۽ ديس دروهي
پرمارن کان!
ائين پنهنجي
ٽوٽ چپن تي
سڪل زبان سان
ورد ڪريان تي
جيئي - سنڌ!
سنڌ - جيئي!
ذهن جي اُمالڪ
پسمنظر ۾
نانءُ اُڀرن ٿا
ڌاهر کان پوءِ
دودو - دولهه
ٻاگهل ٻائي
ڄام تماچي
هوشو - هيمون
سورهيه بادشاهه
روپلو ڪولهي

حيدر بخش جتوئي
جي - ايم - سيد
مائي بختاور
فاضل راهو
بينظير ڀٽو
بشير خان قريشي
ابراهيم جويو
۽ سوڀي کان
پليجي تائين
ائين .... اڃا
وقت وٽي مان
مسلسل اڳتي
اَڻ ڄاتل ۽ اڻ ڳڻيا
نالا لاڳيتا
هلندا ئي رهن ٿا
تڏهن سرير ۾
ست اچي ٿو
پنهنجي
ايندڙ پيڙهي تي
ويساهه وڌي ٿو
سنڌي سلامت!
سنڌ سلامت!
جيئي سنڌ!

○

نئين نسل کي نصيحت

ڪُڙ ڪبيتن وانگر پار،
چمڪو اوندهه ۾ چوڌار.

سونهن اوهان سان ڌرتي جي آ،
ٻڌجو عظمت جا مينار.

شاهه سچل جا ساٿاري ٿيو
هوشو جهڙا سورهيه سالار.

علم پڙهو اخلاق پرايو
انسانيت جو ڪريو ونهوار.

سائنس ٽيڪنالاجي ۾ پڻ،
ٻالڪ پاڻ ٿيو هوشيار.

ملڪ سڄو جيئن مچتا ماٽي،
اهڙا ٿيو قومي معمار!

○

مر ويسون پر سنڌ نه ڏيسون!

پٽائي ڏس! اڄا هن پونءَ پنهنجي تي هرهر هيڏا،
دکن دردن جا دونهان، هَڄن هاڃا پيا ڪيڏا،
دغا جي دشت جا گهوڙا ڊڪن، ڊوڙن، لتاڙين پيا،
پنهنجي بدمست سُنبن سان چٿي پومي چڏي جن آ،
چني چاتي، ڪري چيهون، چيهاڙيو ساهه آ ڌرتي جو،
وطن جي چئوڏسائن جي هنن آزاد واٽن تي،
غلامي جو اڄا ساڳيو صدين جو چيڙهه چهٽيل آ،
وقت جي واڇ ۾ پڻ ڪي لڳل آهن لغامون چڙ،
مرضي سان موڙي تن کي چڪين پيا هٿ غدارن جا،
اڃا پرماريت ساڳي پينا پٿر چُٽي ويٺي،
غلبي جي غليلن سان اَمن جي روز اکين ۾،
دوکي جي ڏڱي دهشت هوائن ۾ اُٿاري پئي،
نوان دهمان، دڙڪا ۽ رهزني جا هنگاما هُل،
جذبن جي جونا ٻڙهه جون پيجي پوري سيئي پٽيون،
ويساهه گهات چڏيون ڊاهي، ٿيون آهن سي کنڊر،
دلاسن، آسرن جي اکين جي اڄ آکيرن ۾،
سُرن ٽا نانگ نفرت جا سوين بي گرا زهري،
آزادي جي اُمنگن ۽ آوازن ۾ وري ساڳيو

اُڀڪن ۾ اُلڪن جو ويو ٿي دور آ شامل،
اجا تائين اُميدن جو نبل ساڻو ٿو اُڀري سج،
ڪراچي ۾ خوني مانگر ڪري پيو ناچ تانڊو جيان،
ڪروڙي جون پولارن مان اجا ٻڌجن قاتل ڊاڊون،
مگر سرڪار سياست جي سرابن ۾ سرورن ۾،
خماريل نيڻ گهيرٿ مان اجا اُپٽي سگهي ناهي،
اجا مطلب جي مڪاري ۾ ُمٿل،خاموش ڄڃن پويان،
ارادن جا سپ ئي اُوتار اپراڌي ڏسجن ٿا،
مفاهمت جي منڊي منڊلي سي سمجهو تن جي سودن ۾،
ڪري ونگار ونڊ سمجهي، ورهائڻ سنڌ کي ويٺا،
منافقت جا سنگهر ٺوڙي سڄي هي قوم جاڳي آ،
ڌرتي ڌٽين جي دل ڪيو اعلان بغاوت جو،
برهه جي باهه اُٿي پڙڪي سا بنيٺ ٿي ٻري آهي،
چپن جي چائنٺ جا چيري منن جي قيد مان نڪتي،
اها ماٺار وڏي واڪي ڪري احتجاج ۾ ماتم،
پنوهارن جي تنوارن جا تپي تارون هڻن نعرا،
سنڌو جي سوڪ سيني تان واري جا ٿي سي واچوڙا،
پنهنجي تاريخ قومي جا زنده ساکي ٻٽيا آهن،
دودي ۾ ديس دولهه جا دلاور سورميون، سوڍا،
هيمون جي همتن جا هماليه ٿي آيا ڪاهي،
هٿن ۾ ڪٽي ٻگاڙها، رتل جهنڊا پيا ڦڙڪائن،
ڪري للڪار هوشو جي وچن زر، زر ٿا ورجائن،
”مرويسون، مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون“
ازل کان ابد تائين ”جيئي سنڌ“ سدائين!

اهو مول متو مقصد ۽ حياتي اسان جي آ،
اسان جو دين، عشق ايمان ۽ آهي عبادت هي،
اسان جي جند ۽ جان آهي ديس جي ڌرتي،
سچائي جا اسين مالڪ رکون ٿا وارثي جو حق،
اسان جو آهي پوڻءَ ورثو ۽ اسان جي آهي پڻ وارث،
نٿا ڏجون نٿا ڏجون اسين ڪنهن ٻَر نٿا ڏجون!
ڪنهن ڌارئين ديس ڏوهي کان نه وحشي کان،
اسان جي وحدت ۽ بقا جو جيڪو دشمن رهيو آهي،
نٿا ميجون، نٿا ميجون اسين ڪنهن پر نٿا ميجون!
ڪنهن بدشڪلي جي بدشد پاونائن کي،
اسان جي قومي روايت کان جو انڪاري رهيو آهي،
نٿو سنڌي جو ٻالهائي نه ثقافت ئي سکيو آهي،
جنهن وٿ ناهه محبت، مان ۽ مرتبو ماءُ جو
جيجل سنڌ! جي ننگ، ناموس ۽ نه عظمت جو
اهڙي پليت پاپي کي ٻڌائي ٿا اسين ڇڏيون،
هت ارغون ۽ ترخان يا انگريز وانگر ڪو
رهي سگهيو نه ڪڏهن ڪو هت رهي سگهندو
نٿو سنڌي جو بنجي، اهو هي ديس ڇڏي وڃي،
لڏي وڃي، بلاشڪ سو سانئڻ سنڌ!
ڇڏي وڃي!!!
ڇڏي وڃي!!!

○

(7 آگسٽ 2011ع تي ٿيل سنڌ جي انتظامي ورهاڱي تي احتجاج)

قومي سنڌي ٻولي

اسان جي عظمت پنهنجي ٻولي،
اسان جي ساهت سهڻي ٻولي،
اسان کي لولي ڏني جنهن ٻولي،
اسان جي سا آ قومي ٻولي،
اسان جي قومي سنڌي ٻولي،
سدا جيئي سا مِٺڙي ٻولي،
اَمان جي ٻولي سنڌي ٻولي!

○

جيجي

توبن گيت اُجارا جيجي!
قومي ٻول ڪيڏارا جيجي!

تنهنجي جدوجهد جاڳايا جي،
جاڳرتا جي جذبن جا سي،
ڳاڙها خواب آسارا جيجي!

سوڳ ۾ ورتل سوچ سڄي آ،
لوچ ٻہ سور ۾ ساٽي ٿي آ،
ماٺ ۾ لفظ سچارا جيجي!

سنڌ اڄا پيئي سڏڪي ساڳي،
قوم سموري ڏاڍ ۾ واڳي،
مارو ڏيهہ ڏکارا جيجي!

انقلابي پيغام اوهان جا،
جن مچايا هُل پڙاڏا،
سورهيہ ۽ سگهارا جيجي!

سنڌڙي ساري توکي تنهنجي،
ڳائي وري اڄ، متي منهنجي،
’جيئي سنڌ‘ بي هارا جيجي،

توکي ڳولين تنهنجا پيارا،
سرتيون، سوڏيون، ديس دلارا،
ڳولين چنڊ ستارا جيجي!

توين گيت اجارا جيجي!
قومي ٻول ڪيڏارا جيجي!

❍

(25 آڪتوبر جيجي زرينہ بلوچ جي ڇهين ورسي تي ممتاز آڊيٽوريم ۾ پڙهيو ويو)

توسوا ڪجھ نہ آ...

زندگيءَ توسوا،
ڪجھ نہ آ،
اي! سڄڻ!،
وقت جي ويڙهہ ۾،
يا پيونءَ جي تيڙ ۾،
پڙيانگ تي جڻ ويل،
ڪوڏنل ۽ قتل،
هڪ ڪنڊر شهر آ.
اي! سڄڻ،
زندگي توسوا،
يا آهي وري ڪو
سڪل ڪوهہ سائيڪو
جنهن جي سيني منجهان،
سُڄ وسي تي پئي،
اُڄ رسي تي پئي،
سا اُجايل اُڄ آ،
زندگي توسوا،
اي! سڄڻ،
ڪجھ نہ آ - ڪجھ نہ آ.

❍

چاهت جا گلاب

چاهت جا پيا گلاب پوکيون،
خوشبوئن جي اُڏام سنڌ ۾
ايڪتا جو اڄ ڏينهن آ قومي،
هڪ ٿي ايندو عوام سنڌ ۾
ڏيهه ۾ ثقافت جا رنگ ڪڙندا.
هنڌين، ماڳين هر گام سنڌ ۾
اجرڪ، ٽوپي ۽ ڳاڙها ڳيرو
سورهيہ ساٿي سرعام سنڌ ۾
هٿ هٿن ۾ ڏيئي سڀ سنڌي
خلق جو آڻيندا نظام سنڌ ۾
آس اُمنگ ۽ جاڳرتا ڏيندي
پيار امن جو پيغام سنڌ ۾
انقلابي هي سوچون جاڳيون
اٽل ارادن جي هام سنڌ ۾
شاهه سچل جي سنڌ جيجل
جُڳُ جُڳ جيئن مدام سنڌ ۾
❍

روشنيءَ جي شهر جو درد. . .

هوائون زخمي، فضائون زخمي،
زخمي روڊ ۽ رستا.
گولين جي گهٽين جون،
ڊنل پٽيون ۽ ٻوٽيل در،
گهرن جا اڱڻ سڀ مايوسي ۾،
خوف جا ڄڙ ڪنڊ لڳن ٿا.
دونهاٽيل دلين جو ڏڙڪو سهميل،
زخمن جو جهنم ٻنجي دکي پيو،
ساهن ۾ ڏک جي رسڪڻ ڦاهي،
روز وڃي ٿي سوڙهي ٿيندي،
راتا هو لڳي پيو رونق جي هر رمز مٿان،
اَمن اڏيءَ تي ڪُسجي پيو،
۽ اورنگزيب ٻيهر هڪ ڀيرو وري،
تتل سرائي سان انڌيون ڪري ويو آ.
روشني جون اکيون!
هاڻ ڪراچي، ”اونداهو ڪُن“.
۽
لاشن جي بازار لڳي ٿي!
❍

بشير خان قريشي

ڳاڙهي جهنڊي هيٺ سمهي پيو
هو ڳاڙهو ڪونڌر ڌرتي جو
سنڌين جو ڊوڊو ڊولهه پٽ
هو هڪڙو هو لکن جو مَٽ
دشمن جو ويو هانءَ ڏڪائي
بشير قريشي ڪير سڏائي
سام جهلي جنهن ڪراچي جي
سنڌ بچائڻ جي هام هنئي
سو مڙس قدآور وڇڙي ويو
بي باڪ بهادر وڇڙي ويو
سانگين جا ورلاپ ٻُڌون پيا،
سُڏڪا، سُڏڪا ڏيهه سڄو آ.

❍

اسان کي پلا چو؟

اسان کي پلا چو......
اجا مت نہ آئي؟
ڏجهن ۾ اباڻا، بکيا پينگ پونگا،
اجا حق اسان جا هتي پيلجن پيا،
نہ خوشحال مڪليءَ، نہ ڪينجهر هندورو
سُکل پيٽ سنڌو ڪنارا اپوڳا،
مٽي ماٺ ۾ آ......
وٺي ماٺ ڪائي!
اسان کي پلا چو......
اجا مت نہ آئي؟
گرهہ ڪاڻ ماڻهو آ ڪشڪول پاتو
هتي ونڊ قومي ۾ ڀاڱو نہ ڪاتو
گهر ۾ ڳڱاتيل ستل قومي ساڃي،
پڙهڻ سين ڪڙهڻ جو فڪر ڪين جاتو
اگهي سوچ پنهنجي ......
وڃائي سگهائي.
اسان کي پلا چو......
اجا مت نہ آئي؟
ڪڏهوڪو وئي تي! ڪراچي پرائي،

اسان آ وساري ڇڏي مالڪي ئي،
مڙيا ڪوڙ مانگر ڪٿي مورڙو آ،
ڪري ناس ڪوڙا......

۽ ڪُپتي خدائي.

اسان کي پلاچو......

اجا مت نہ آئي؟

پٿي پار ڪڍيو اجاڙيل وسندي،
اجا سنڌ ڄائي هتي مارجي ٿي،
سچا ٻول ٻُتجن ۽ اُڏما مرن پيا،
امن آستي ۾ وسن شال سنڌي!
ڏسون سنڌڙيءَ ۾......

سکن جي سهائي.

اسان کي پلاچو......

اجا مت نہ آئي؟
اسان کي پلاچو اجا مت نہ آئي؟

❍

اڄ جي سهڻي . . .

آئون اڄ جي سهڻي آهيان،
روز ملڻ لاءِ ميهار سان
سوڪ سنڌو جي سيني تي
واريءَ ۾ ٿي ڪاهيان!
پر نہ ڄاڻان؟
هاڻي ساهڙ ميهون ڪاهي
پاڻيءَ خاطر،
ڪهڙي پاسي هليو ويو آهي؟

❍

لپ اسٽڪ جا شيڊز

سامهون لپ اسٽڪ جا شيڊز رکي،
ڪيڏو هوءَ سوچي ويٺي!
ڪهڙي رنگ جي لالائي،
ڏيندي سونهن ۾ سرهائي،
وڳي سان جا ٺهڪي ايندي،
چپن کي ڏيندي خوشحالي،
سندر ساهن مان اچي سرهاڻ،
ٿئي چهرو پڻ چانداڻ،
گولڊن بهتر آهه يا گلابي،
پنڪش لڳايان يا وري ڳاڙهي،
اي! منهنجي منڙي ’سنڌيا‘* راڻي،
ڪيڏي ڏاهي، تون سياڻي،
هي سڀ سوچ اجائي آ،
مڙيئي فيشن جي پورائي آ،
تنهنجي معصوم مک جي لاءِ،
هي سڀ سانگ اڌورا آهن،
تنهنجي سوپيا سيرت اڳيان،
سارا رنگ اڻ پورا آهن،
تنهنجو آهي حُسن الهامي،
پنهنجو مٽ پاڻ ۾ مثالي.
اي! منهنجي منڙي ’سنڌيا‘ راڻي!

○

* ’سنڌيا‘ مون کي ڪلي چيو هو ڦقي لپ اسٽڪ تي شعر لکو.

شهيد عاشق سنڌڙي جو

سن جو سڏ ٿي اُڀريو هو!
جنهن ڳاڙهو جهنڊو جهولائي ٿي،
سانگين کي سُک جي ساک ڏني،
۽ آجپي جي اُجيارن سان،
نينهن ڪري نروار هُو بيٺو!
سنڌين جا من موهي ورتا،
سنڌو جي ٿي سونهن پيو
اٽل ارادن جو شهزادو.....
سازش جي طوفانن آڏو
هوشو جهڙي همت سان،
ڪارونجهر جي ڪور مثل
منهن مقابل ٿي بيٺو هو
قومي شعور جو ديس دلاور!
ڪُمهلو اسان کان موت کسي وئي،
سچ جو سوڌو وڇڙي ويو
جنهن جوت ڏني ٿي جاڳرتا جي،

سوراج نہ ماٽي سوپ سگهيو.
امن جون اکيون اُجهامي ويون!
اڄ هر ڪا دل ماتامي آهي.
اُداسين جا ٿا سڏڪا اُپرن،
ساهہ پيو ڦٿڪي سڪونن جو
خوشحالي جا خواب رُلي ويا!
ڪيڏو ڦهري ڪانَ لڳو آ،
روحن مان پيو رت ٿمي!!!
وڍ ڏنو جو ويرين آهي.......
گهاءُ نہ ڪڏهن پرجي سگهندو
سنڌ جيجل جي ساهن ۾......
هي زخم جُڳن تائين چِڳندو رهندو
۽ تاريخ ۾ امر ٿي هي جيئندو!
شهيد عاشق سنڌڙيءَ جو!

❍

(شهيد بشير خان قريشيءَ جي شهادت تي)

گوندر جي گرهڻ!

ڪي سال سمورا
هن سنسار ۾ تنهنجي
رُوپا، سونا روپ ڏٺم.
پوءِ اُمالڪ
هر مُک جي چانڊوڪي ۽
سندر، سهڻي صورت پويان.
ڪوڙن جذبن
سڙيل سوچن
۽ پاٽپٽي جي پستي ۾ پاهہ
بد خواهي جي بک جا ماريل
ڪوجها، ڪوڙهيل،
بنهہ پوائتا
پوتن جهڙا بد روح
انساني احساس کان پالها
ڪروڙين ٻهروپ ڀ َسي!
گوندر جي گرهڻ ۾
ڪاراٽي هئي
سندم دل، اي خدا!!

❍

پيار جو پيچرو

آئون ڄاڻان ٿي!
تون!
محبت جي ماڳن جو
ناهين مسافر،
جي آهين،
تہ بہ تنهنجي پيار جو
ڪوئي پيچرو
مون تائين!
پهچي نٿو!

○

ڪمال جهڙي زندگي!

چاهہ ۾ ڪنهن ڇيڳري،
جي چال جهڙي زندگي!
يا هراسيل هرڻ جي،
آ چال جهڙي زندگي!

سنڌ جي ٿي سورمي،
بيشڪ! لڳي هر رنگ ۾،
ٿي ڪڏهن تلوار ٿئي،
هي ڍال جهڙي زندگي!

روز گذري ٿي ائين!
بس مرڪندي ۽ روئندي،
جا سدا مظلوم جي،
احوال جهڙي زندگي!

اعتبارن ۾ رُلي ٿي،
قول ۾ قابو ڪڙيل،
ترشنا ۽ تانگهه ۾،
غزال جهڙي زندگي!

پوپٽن وانگر اُڏامي،
آهه هلڪي هير جڻ،
جوڳ ۾ جانٺو جبل،
پونچال جهڙي زندگي!

محبتن جي مام ۾ ٿي،
نفرتن جا ننگ ڍڪي،
پر رهي هر حال ۾،
بدحال جهڙي زندگي!

وسوسن ۾ ٿي جئي،
وشواس ۾ وکريو وڃي،
ڪو وڏو آ معجزو
۽ ڪمال جهڙي زندگي!

○

سنڌ سڄي جو آ سرواڻ

حيدر ارڏن جو ايمان
حيدر جهانگيئڙن جي جان،
حيدر دردن جو درمان
حيدر ڌرتي جو ڌنوان
اونداهي ۾ آ چانڊاڻ
حيدر هارين جو اڳواڻ!
سنڌ سڄي جو آ سرواڻ!

هي ساٿي ساٿ سچارن جو
هي رهبر ديس دلارن جو
هي پوکي رانهين وارن جو
هي دشمن ڏاڍ، ڏهڪارن جو
ظالم ڪارڻ تير ڪماڻ!
حيدر هارين جو اڳواڻ!
سنڌ سڄي جو آ سرواڻ!

محبت جنهن منشور بنايو
نعرو ’جيئي سنڌ‘ بنايو
حق ۽ سچ جو راڄ بنايو
هارين کي حقدار بنايو
شاهہ سچل جو اهڃاڻ

حيدر هارين جو اڳواڻ!
سنڌ سڄي جو آ سرواڻ!

حيدر بخش جتوئي جيئي!
هر دم جام محبت پيئي،
هيٺن جو همراهي ٿيئي،
آدرش اصولن جا ٿو ڏئي،
اڄ پڻ آهي سانگين ساڻ!

حيدر هارين جو اڳواڻ!
سنڌ سڄي جو آ سرواڻ!

❍

(باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي 42هين ورسي تي 21 مئي 2012ع تي پڙهيو ويو.)

جذبن جي ارڏائي!

سانول! تنهنجي پيار منجهان،
آس پلي مون ناهي اڃان،
توکي مون کان ڌار ڪري،
سا ڪيئن آئون ڳالهہ مڃان!
جڳ جا ٿاهي ليڪ وڇوڙو
سا ڪا لڇمڻ ريکا ناهي،
منهنجي چاهت راوڻ وانگر،
ويندي سارا ليڪا ڊاهي،
جي تون دل جا ڏنگ وڏايا،
آئون اورانگهي اُڪري ايندس.
جبل هماليہ، چين ديوار بہ،
اُپ اُتاهون اُڏري ايندس.
ايندس آئون تون وٽ ائين،
هير گهلي جيئن مڪڙين ۾،
توڙي سارا بنڌڻ ائين،
سار اچي جيئن دلڙين ۾.
ڪير نہ سگهندو ڪنهن پر روڪي،
جوڙي ناتا نيارا ويندس،
جُڳ جُڳاندر جوت رهي،
اهڙا ڏيئي اُجيارا ويندس!

❍

انڌ جي جهان ۾!

انڌ جو گھوڙو انڌ جو هسوار
مجبوري جي ڳل تي
ڏاڍ جي هڪ ڪرب پري چماٽ
شرافت جو شوڪيس ٽوڙي
انسانيت جي تذليل ڪري وئي!
معصوميت ڪاڏي مات
تعدي جي تلوار اڳيان
ماٺ رهي مظلوميت
۽ ٻوتو ٻڌجي ڏسندو رهيو
قانون اسان جو
نابينا جيئن
انڌ جي هن جهان ۾!

○

ڪونڌر ڇايون!

سنڌ اَمڙ جون شهيد نياڻيون،
ڌرتيءَ جون هي ڏڳ ڌياڻيون!
محبت سنڌ سنڌيون سرواڻ،
ٻختاور جو ٽي اُهڃاڻ،
سنڌياڻيون پونءَ بهادر جون،
سوڍيون، جوڌيون، ڪونڌر ڇايون،
ٻيٺيون دشمن ڪي للڪاري،
پاٽان اَرپي ويبون واري،
گولين جي گونجار ۾ گونجيون،
’پائن سان گڏ پيٺون هونديون‘
ظالم آڏو ساهس ساهي،
سچ جي قومي ريت نباهي
جيجل ڪارڻ گھوري جند،
ساٿ غزالا سَرتين سنڌ!
تاريخ ۾ ريتي رت سان لکبي،
اَمر ڪهاڻي قربانيءَ جي!

○

(22 مئي 2012ع تي ڪراچي ۾ محبت سنڌ جي سلامتي جون پهريون شهيد ڀينرون غزالا بتول صديقي، آمنہ عبدالرحمن پليجو ٺٽو شريفان زال شمشير لياري)

اڃا....؟

ٽورو
ڪاڏو
هٿ
گهٽا
دربدر
ڪيڏو
ماروئڙا
پيرن
هيٺان
پونءِ
نہ
باقي!
ناهي
مٽي
تي
ڇانءُ
اڃا!

○

www.sindhsalamat.com

يادن جا گنبذ!

تنهن جي هجر ۾
غم جون هوائون
جڏهن گهُلن ٿيون دل جي اڱڻ تي
تڏهن تنهن جي ڪلڻ جي خوشبوءَ
آواز جو اُجالو ٿي
ڇم ڇم ڪري ڇٽي پوي ٿي
ساهن جي سُر ٻاٿن مان
پوءِ يادن جا گم گنبذ
من جي محور تي
ڌرتي جي گولي وانگر
ڦيرا پائن ٿا، ڦرموٽي جيان
جيئن ٻارڙا رهن راند
لال ڦيري، گل ڦيري!

○

www.sindhsalamat.com

پاڪ پوتر رمتا جوڳي

ڏوتي پوتي، اڄّي پوتي،
پاڪ پوتر، رمتا جوڳي،
بين وڳي ۽ پير ٽڙيا،
ٺمڪڻ لڳا، پاپي نوڳي
روز الاپين سُر نئون تا،
ڪرسي ڪارڻ سياسي روڳي
جنتر منتر، چو منتر سان
ساعت ماٺين جلد سيوڳي
چونڊڻ جو تا جاپ جهپين،
ساڻ اليڪشن جي مينهوڳي
يا قبون جي ورد ۾ ترڪيا،

انصاف، اُڪاري سهيوڳي،
تبديلي جي آس اٽانگي.
سڪٽا نعرا، سوچ آيوڳي.
روپ بهروپي، پرڪار پروتا
پرت نوان پر هڪڙي دوڳي
سياست جي ڪٽ جوڙ نياري
قوم سدائين ماندي موڳي
جهڙي چالي، تهڙي پني
ذات اصل اقتدار ۾ اوڳي
ڏوتي پوتي، اڄي پوتي
پاڪ پوتر رمتا جوڳي!

○

آئندھ جو اونو

حال ۾ هلندڙ سارا ماڻهو
بي ڪل، ماندا ۽ بي حال،
توڙي ماضي تي ٿا مَرڪن،
چهرن تي ڇهتيل پوءِ بہ ملال،
آئندھ جي اونَ ۾ هي قاتل،
ڳڻتي ۾ ڳرندي ڪن سوال،
پنهنجو مستقبل آهي ڪهڙو
قوم سنڌيءَ جو ڇا ٿيندو حال؟؟؟

○

عياري جي سرابن ۾!

الائي! ڇو هن ديس جي ناري؟
اڃا اڻ سونهين آهي اڻ ڄاڻ
سجاڳي رڳو جا سگهي ناهي
اڃا تائين هوءَ پنهنجو پاڻ!
پروڙي سا سگهي تي ڪيئن؟
ايڪهين صدي جي رياڪار سياڻپ کي،
۽ هن سماج جي حرفتي خيانت کي،
اڃا جا واٽ تي وصل تي وياڪل آ
۽ پڻ انڌ جي رسمن ۾ گهائل رهي تي
اڃاتل پيار جي پنڌ ۾ تي ويساهہ وسوڙيل
اياڳي سڪ عياري جي سرابن ۾
دل جي بيابان سرد پوڻن تي پٽڪي
سُڪل سنڌو جي خوابن جيئن
رڻ واهيءَ جي روڳ ۾ رُلي تي
جڏهن قرب جو ڪو سمنڊ پاڙو

سوڪَ ساهن جي خالي پٽي ۾ اُٿلي
پنهنجي پالوٽ سان دل کي پائي وجي ٿو
اميدن جي آياٽي اڪ پرکي سگهي نٿي
آرزو جي امله سچ ڪان آ اڻ واقف
اجا ڪنهن سقراط هن کي سَجيو ناهي
لطيفي لاٽ نہ وري ڪو رنگيو آهي!
جا ٻاگهل کي وساري آهي ويٺي
۽ بختاور کي ڪين ڪي ساري ٿي
جوين رُت ۾ جا جذبن جي
جڏهن ننڍيپڻ جي چلولاين ڪان
ڇڏائي هٿ اچي بيٺي اجهو آهي
اڳيان اُڌمن جي عدالت جي
ڪفن ڪارو مک تي پائي
ڪٿي رينڪل ۽ لتا سِڏجي
ڪڏهن حميده ۽ حوا بنجِي
اَڱِلي سوچ ۾ ڪنهن لمحي جي
ڪري ٿي پيار جو پرڻو
تڏهن ڪوڙ ڪامڻ جو ڪَٿي ٿوا!
هوءَ اکيون احساس جون پوتي،
اگهاڙي چانءُ جي هيٺان
تتل لفظن جي طعنن سان
ازل جي اعتبارن جا
عزازت جي نينهن جا ناتا
خود غرضي جي هڪ ڏڪ سان،

وڍي تي وجي روح جا رشتا،
لاڳاپا، پريت ٻنڌڻ سڀ
چِني جيجل ڪان سياپا سڱ
ڏڪاري تي ٽج جي لڄ کي
اکين پور زماني جيئن
ٻنھ چنو چورو ڪري ڇڏي ٿي
هي ايندڙ وقت جي ڳوڙهن کي
۽ پنهنجي نصيب جون هٿ ريکائون!
ڪَڙم سارو وجي ٿو ڪارو ٿي
پاڻ مهٽي هاب تي جڳ ۾ جئي ٿي
تهمت ’پاجوڪڙ‘ جي من تي ويڙهي
حياتي ير ڏوهي ۽ ڏاميچ بنجي
سدا سڏجي تي پوءِ جمار ساري پئي
هي ”ڪاري“ پنهنجي ڪل ۾!
پوءِ پڇتائي تي پل پل ۾!!!
○

احتجاج

اي! سنڌ امڙ جي وياڪل ڌيءُ!
شل! جيڏل ماڻين آزاديءَ!
ڳوڙهو ڳڙيو اک مان تنهنجي،
نوڪ قلم ۾ اٽڪي منهنجي،
اُڏمن ۾ پيو طوفان اُٿاري،
جذبن ۾ ويو پنپيٽ ٻاري،
اونده ۾ چڙ لاٽ ٻٽيو آ،
ڳوڙهو ڳوڙهو واٽ ٻٽيو آ،
جا سوچ سموري پيڙا جي،
سا درد وفا ڪان باغي ٿي،
آ گيتن گونگو گوڙ ڪيو!
هي لانگ مارچ آ لفظن جو!
اي! سنڌ امڙ جي وياڪل ڌيءَ!
شل! جيڏل ماڻين آزاديءَ!
○

گيت

ويرانَ انڌيرين راتين ۾،
۽ مست جوان پرياتين ۾،
مون دل جا روشن ديپ ڪيا.
۽ سنڌڙيءَ تولئہ گيت لکيا.
مون جگنو بڻجي جوءِ اندر،
پهرن جا پهر اوندهہ ۾ سفر،
جهولي ۾ ڪٽي ٽي چٽنگ ڪيا.
۽ سنڌڙيءَ تولئہ گيت لکيا.
ادراڪ جي پياري ديوي ڪان،
آزين، نيازين ۽ منٿن سان،
مون سوچن جا موتي بيڪ وتا.
۽ سنڌڙيءَ تولئہ گيت لکيا.
هن ڀونءَ ڀلي جي ساک ڪٽي،
۽ ماروئڙن جي آس ڪٽي،
مون اکر اکر ۾ جوڙي ڪٿا.
۽ سنڌڙيءَ تولئہ گيت لکيا.

○

منهنجو پيار اَمر آ سائين!
تون ڀانئين جيڪر نا ڀائين،
تون چاهين جي يا نا چاهين،
پنهنجي مرضيءَ وارو آهين،
پر منهنجي اک جو اوسيئڙو،
تنهنجي اچڻ جي آس ۾ هوندو
جڳ جڳاندر هر جُڳ تائين،
هردم، هر پل ائين سدائين،
هر مند وڇوڙيل ويندڙ ڪان،
هر هڪ ايندڙ موسم تائين!
منهنجو پيار اَمر آ سائين!

○

اسا ڏي پيار او سانول!
لائي هٻڪار او سانول!
ڪٺوري خوب چٽڪاري- عشق اظهار او سانول!
اسا ڏي ڏيک لاچاري،
ڪرن اکيان پيي آهه زاري،
ٿيان بي اختيار او سانول - اسا ڏي پيار او سانول!
جدائي ڏي جدا ٿي ڳيا،
صنم پيي هي خدا ٿي ڳيا،
ڪران انتظار او سانول- اسا ڏي پيار او سانول!
نهين دنيا دا پيو ڪوئي،
نڪا پرواهه جندڙي دي،
رکو اعتبار او سانول- اسا ڏي پيار او سانول!
اسا ڏي دل نہ هڻ ٺوڙو
عقل دي ڳالهه هڻ چوڙو
آئو هڪوار او سانول- اسا ڏي پيار او سانول!
لائي هٻڪار او سانول!

○

الا! هڪ ڳوٺ جي ڳوري!
لڳائي پيار جي ميندي، لڪائي لوڪ کان پوري!
اکين ۾ پريت جو سرمو لڳي ٿي چنڊ جڻ چوري!
سڳي ۾ ٽونئر جوين جا، تلي ٿي ڏيل جيان گوري!
ڏجي چرڪي پئي ڪيڏو جڏهن ڪان لنئون لڳس لوري!
ٽيندي چؤبول گهر گهر ۾ ٻريل جي باهه ڪنهن سوري!
ڪري ڪاري هي ماريندا، يا پرڙائن زبر زوري!
سجڻ! وسري نہ لڄائي لڄ، پلي جندڙيءَ وجي گهوري!
الا! هڪ ڳوٺ جي ڳوري!

○

مومل آهيان، سسئي آهيان.
جڳ چڏي ٿي،
توکي چاهيان!
چاهہ نکاري من جي موسم،
جذبن جي کا ارڏي موسم،
ساهن ۾ ٿي سا سيبايان.
جڳ چڏي ٿي،
توکي چاهيان!
عشق ازل کان مند ملهاري،
نتهڻ ٿر جي آءُ اُجاري،
بوند برهہ سان اُڃ اجهايان!
جڳ چڏي ٿي،
توکي چاهيان!
خوشبوءَ، چنڊ، گلاب سڄڻ! تون،
چاهت بي حد حساب سڄڻ! تون.
سڀ ڪجهہ تون، مان ڪجهہ ناهيان!
جڳ چڏي ٿي،
توکي چاهيان!
اڄ! ڪينجهر ڪنول ڦلاريا هن،
دل آرا، انگل ساريا هن،
آئون نوري جيان نينهن نڀايان!
جڳ چڏي ٿي،
توکي چاهيان!

مڪلي جي چئوواٽي پر ۾،
پارڪ جي ڪنهن پٿر تي!
ساروڻين جي سنگ ميل ۾،
تنهن جون نانءُ اُڪيريل آ،
منهن جو من پيي لفظن وانگر،
تنهنجي ياد ۾ گهيريل آ،
ناهي اڄ پيي آس اُجهاڻي،
جنمان جنم رهي آ ساڳي،
ساجهر کان وڏ اُجرا سپرين!
سڪ ساڻيي رکيم سياڳي،
مهٽي هاب حياتي پانيان،
تو بن ساهہ سڏير ۾ ناهي،
مايوسي جي مانڊاڻن ۾،
پريت ازل جي ريت نباهي،
ميت! ملڻ جي مند بہ ايندي،
وصل جون گُهلنديون نيٺ هوائون،
رُت رابيل ۾ گلابن سان گڏ،
پاڻ وٽ هونديون قرب هڳائون!
مڪلي جي چئو واٽي پر ۾،
پارڪ جي ڪنهن پٿر تي!
○

آ تاريخ مقدس عشق جي،
جا سونهن جي سجدن جڙي،
سرهاڻ محبت جي ڪٽي!
منهنجو پرين!

ڪاڪ ڪڪوريل چانَورو
من جو پرم ۽ سوجهرو
ساهن ۾ سڪ جي مينهن ڪٽي!
منهنجو پرين!

مون سان ورهه جا قافلا،
۽ طور سينا سلسلا،
ناهيان هيڪل هڪ جٽي!
منهنجو پرين!

سارا ثوابن جا شهر،
سيني وسايا تي پٿر،
هڪڙو ويو هو گل هٽي!
منهنجو پرين!

ڪهڙي حسابن ڪي مجون،
ڪهڙا لڪي ليڪا رکون،
ڪس ڪائبي بيشڪ گهٽي!
منهنجو پرين!

سِگها آوين سانول - مين خوشيان ڪري سان.
ڳانوڻ ڳيچ، سهري - ڪاڻ سڪيان سڏي سان.
سِگها آوين سانول!
ويندا جو پيا هين - متان دير لاوين،
اسان هون تساڏي - متان دل چاوين،
ٻُلاجي تون بيٺين - مين پي نہ جيءَ سان.
سگها آوين سانول!
ڏاڍي ڏينهن لڳي هُڙ - ماندا من ٿيا هي،
ميندي هٿان دي - جهڪي تي جا ڳئي هي،
ڪڏهان ولسو سانول - ٻيني واٽ جهلي آن!
سگها آوين سانول!
وڏي مينهن پئي هِن - ول سانوڻ وتا هي،
تيڏي آنوڻ دي - اجها ويل منا هي،
اڱڻ آؤسو جڏهان - مين اڪيان وچئي سان.
سگها آوين سانول!
مين خوشيان ڪري سان!

○

اوا منهنجا پرين!
ڪيڏا چاهه رکين!
اچي پر ۾ ويهين،
مٿان منهنجي اکين،
پنهنجا نيڻ ڌرين،
ڪا ڳالهه ڪرين،
ڪا سوچ پرين،
آئون گهوري ڏسان،
تون مرڪي پوين،
آئون چرڪيو پوان،
تون اَلوپ ٿئين،
ائين وکريو وڃين،
جڻ خيال هجين،
ائين گم ٿيو وڃين،
جڻ خواب هجين،
اوا منهنجا پرين!
شل! منهنجي جيئي،
ٻه ٽي پير پري،
تون پاڻ اچين!
اچي پاڻ ملين!
اوا منهنجا پرين!!!
○

آس سچي اميد ڪٹي اڄ!
اهڙي ڪائي ديد ڪٹي اڄ!
جيئن تون مون کي
سگهين سجاٹي!
ڍوليا!
رات چڏي تون ڏينهن ڪٹي اڄ!
نفرت ڪان وڌ نينهن ڪٹي اڄ!
جيئن تون مون کي
سگهين سجاٹي!
ڍوليا!
سهٹي جو ساهس ساڻ ڪٹي اڄ!
سچ جو پارک ماڻ ڪٹي اڄي!
جيئن تون مون کي
سگهين سجاٹي،
ڍوليا!

ڪسوٽي يا باھ ڪٽي اچ!
ساگر جيڏو چاھ ڪٽي اچ!
جيئن تون مون کي
سگھين سجاٽي!
ڍوليا!
مُرڪ مٺي، ميٺاج ڪٽي اچ!
سنڌڙيءَ جو سوراج ڪٽي اچ!
جيئن تون مونکي،
سگھين سجاٽي!
ڍوليا!
آءُ ايامن کان اڃاتل آهيان،
ڄاٽي وچ تون ساجن! هاٽي!
جيئن تون مون کي،
سگھين سجاٽي!
ڍوليا!
جيئن تون، مونکي سگھين سجاٽي ڍوليا!
○

جڏھن ڪونج ڪرڪي ۽ ڪوئل ٿي ٻوليو
اسان جي اميدن اوھان کي ٿي ڳوليو
اُجالن ۾ اوندھ جي تصوير ھئاسون.
اسين بس رھياسون عذابن جي اک ۾

بھارن جي مند کان وڇوڙيون رھاٽيون،
الھڙ زندگي جون اُجھاٽيون کھاٽيون
پڄي پور ٻنجي، ڏٺاسون، ٿھياسون.
اسين بس رھياسون عذابن جي اک ۾

اسان جي منن ۾ رھي ڪا نہ آشا،
نھارن ۾ اڏيا سوين شھر نراشا،
اسين اُڃ اُساٽيل جو سڏڪو ٿياسون.
اسين بس رھياسون عذابن جي اک ۾

روح جو روھيڙو رھيو ڪين ڳاڙھو
پريت پن سڪي ويا، خوابن ٻور ڇاٽيو
لڪائي اُداسيون ٿي مرڪي پياسون.
اسين بس رھياسون عذابن جي اک ۾

محبت سفر ۾ ٿڪا ڪين آھيون،
جفائن جي جوءِ ۾ جدايون اجھاڳيون
مري ڪين سگھياسون، جيئڻ کان بہ وياسون.
اسين بس رھياسون عذابن جي اک ۾
○

وائي

صبح کان سومهڻي تائين،
تنهن جي سار ستائي.
عشق جي اُپٽيل هٿ تان ساجهر،
ٻن نيڻن جي ٻُهٽي تائين.
تنهنجي سار ستائي.
تارن جي تمتار امبر کان،
ڏوپارن جي ڏهٽي تائين!
تنهنجي سار ستائي.
موتئي مک تي ماڪ ڦڙي جي،
ڪومل، ڪومل چهٽي تائين!
تنهنجي سار ستائي.
جهونجهڪڙي جو جهالارن ۾،
‘شاهه’ کي پڙهندي سهٽي تائين!
تنهنجي سار ستائي.

○

ڪير تيو ٻلهار!
برهه رُت بسنت ۾!
نيٽ ٻنا پونءَ جا، اٽيا نيڻ بيهار،
برهه رُت بسنت ۾!
سيڪيندي چا سونهن ڪي، نمائشي نهار،
برهه رُت بسنت ۾!
خوابن جي پنيور جا، پيليا پاڳ ٻهار،
برهه رُت بسنت ۾!
جُهري سا ڪيئن جهوڪ، اڏي جا جهونجهار،
برهه رُت بسنت ۾!
آربي وينو آرائين، ڳاڙها گُل ٻه چار،
برهه رُت بسنت ۾!

○

چم چم چمڪي چير،
هوريان ڌر پير- متان لوڪ لکي!
چانڊوڪي سان چاهه ۾،
پنهنجو پاڻ نه هير- هوريان ڌر پير،
متان لوڪ لکي!
ماڪ پنل هن منڊ ۾،
جهول نه پر ٻير- هوريان ڌر پير،
متان لوڪ لکي!
پيلهڙ ڌري سر تي،
سڪي! وچ نه سوير- هوريان ڌر پير،
متان لوڪ لکي!
سُڻ سُڻ تي ڳوٺ ۾،
وات بنديندو ڪير- هوريان ڌر پير،
متان لوڪ لکي!

○

اُتساهي ٿي جاڳ شعور کي، سوچن کي سرچائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
ڀڄڳڻ ٻول ۾ قومي معنيٰ، سنڌيت جي سمجهائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
ڏور ڳگن ۾ آلاپ ايئن، جڻ پرهه کي پرچائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
هر ميري اک منافق ڪان، سچ جي آڻ مڃائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
ڳگهه اوندهه جي ماڻارن ۾، جوت جو الا جاڳائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
عشق پري هي پيلڻيونءَ کي، ڪا وَ ٿ ڪري ورهائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!
منهنجي من کي آٿت ڏي ٿي، منهنجا نيڻ پڄائي ٿي.
هي جا تنهنجي شاعري!

❍

(بابا جن جي ٻي ورسي تي پيتا)

جهونجهڪڙي سان جوڳ ۾ رهي ٿي ولوڙ
سُتي لوڪ سرير ۾.
اڏي ويٺيون اکڙيون، اوندهه جا اروڙ
سُتي لوڪ سرير ۾.
ويا سُهائي سوپ جا، مُرجهائجي موڙ
سُتي لوڪ سرير ۾.
سنڌ و سانوڻ رُت ۾، تڪي پئي توڙ
سُتي لوڪ سرير ۾.

❍

ڍنگ هر ۾ هنڌ ۾ رهزني وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!
زندگيءَ جي سَنڌ ۾ خودڪشيءَ وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!
عاشقي جي پنڌ ۾ بزدليءَ وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!
سونهن ۾ سڳنڌ ۾ خود سري وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!
هر خوشي جي ڪنڌ ۾ هر غمي وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!
هاءِ! منهنجي سنڌ ۾ بي حسي وچڙي پئي.
اڇو تہ ڪوبلو ڪريون!

○

ڳائي آزادي،
آٿيون انقلاب!
سونَ پرکي ڪسوٽي، باهہ پرکي چاندي،
ڳائي آزادي،
آٿيون انقلاب!
ڳاڙها ڳيرو ديس جا، ڪامن پويان باندي،
ڳائي آزادي،
آٿيون انقلاب!
سنڌي ويهو نہ ويسلا، مرڻو هجي يا شادي،
ڳائي آزادي،
آٿيون انقلاب!
ذرِجا، ذرِدئي، نڪ ڪپيل، ڪري تن جي بربادي،
ڳائي آزادي،
آٿيون انقلاب!

○

نڪ ڪپيل: غدار

نوٽ: قادو مڪراني، 'مجاهد'، انگريزن سان ساٿ ڏيندڙن جا سزا طور نڪ وڍي ڇڏيندو هو. اهڙن غدارن لاءِ نڪ ڪپيل، جو اصطلاح عام ٿيو.

ڪٽي ڪو ڪٺارو اسين ڍال ٿيون ٿا،
هبڪون نڪي هٿون ٿا.
چٽنگ ڪا اُڏامي، اسين جهول جهليون ٿا،
ٻرون نڪي لڇون ٿا.
لڳي تيز طوفان، اسين ڪانپو ٿي بيهون ٿا،
ٻُرون نڪي پڇون ٿا.
ڏاڍن جي آڏو اسين ڏاڍا ٿي وڃون ٿا،
ڊڄون نڪي جُهڪون ٿا.

○

www.sindhsalamat.com

جت سونهن سرجي سانوري،
ءِ مڏ متيون گُهلن هوائون.
سو لاڙلاڪيٽو الا!
ڪينجهر ڪنڌي تي ڪامٽيون،
جڻ آرڪاٽين اپسرائون.
سو لاڙلاڪيٽو الا!
هر من جي ماجر ۾ سٽيل،
هت بانٺ جهڙيون پاونائون.
سو لاڙلاڪيٽو الا!
روز دل جي دمدمي تي،
آس آڙي جون ادائون.
سو لاڙلاڪيٽو الا!
وينگس جي سرتي چنڊ چُنري،
گج ۾ ستارن جون ڏجائون،
سو لاڙلاڪيٽو الا!
چنگ چٽنگن جا ٻُرن جت،
سنڌڙيءَ جون سرڪش صدائون.
سو لاڙلاڪيٽو الا!

○

www.sindhsalamat.com

دل جي هڪ هڪ ڌڙڪي سان،
توکي ساهہ ۾ ساريو آ - ۽ توسان نينهن نڀايو آ.
پل پل جي پورن ۾ پچري،
پاڻ جياريو ماريو آ - ۽ توسان نينهن نڀايو آ.
تارن جي جهرمر ۾ ساجن!
هيڪل چنڊ تي گهاريو آ - ۽ توسان نينهن نڀايو آ.
مون چاچا نہ پلا هن جيون ۾؟
توتان گهوريو واريو آ - ۽ توسان نينهن نڀايو آ.

○

آهيان نہ آهيان جي!
وچ ۾ آهيان!
جڳن کان جاڳي ٿي،
متل تنهن آڳ جي،
مچ ۾ آهيان!
ڪلا نگر جي ڏيهہ ۾،
اڏيل هر ڪوٽ جي،
ڳچ ۾ آهيان!
سنڌڙيءَ سان سانڍيل،
عشق ۽ ادراڪ جي،
سچ ۾ آهيان!
سنسار ۾ ’مدهوش‘ اجا،
وقت سان اچ، وڃ جي،
اچ ۾ آهيان!
آهيان نہ آهيان جي، وچ ۾ آهيان!

○

’احمد خان مدهوش‘، جي وفات کان ٿورو اڳ پڇيل سوال جي جواب ۾ اُچاريل اکر، ”آهيان نہ آهيان جي، درميان آهيان“، ڏانهن منسوب.

دولھ جي ڌرتي تي،
مٺي امڙ جي لولي.
اَمر آھي، اَمر رھندي.
'سمبارا' جي سونھن جي،
ڳجھارت پرولي.
اَمر آھي، اَمر رھندي.
آزاديءَ جو اھڃاڻ،
ڏٽيڪي ۽ ڏڙولي،
اَمر آھي، اَمر رھندي.
سنڌي زبان، 'صالح'[1] جي،
پنھنجي قومي ٻولي.
اَمر آھي، اَمر رھندي!

○

[1] آخوند صالح ٺٽي وارو.

رھبيون روح رچنديون،
ھيل نئين سال ۾.
چولين مٿان چڙ جي،
سانوٽيون نچنديون.
ھيل نئين سال ۾.
موتي منڊ گلاب جي،
پڪاڙڪون پچنديون.
ھيل نئين سال ۾.
ويندا ورھ واھوندا،
قربتون ٻچنديون.
ھيل نئين سال ۾.
پوئين پھر پيار جون،
محفلون مچنديون.
ھيل نئين سال ۾.

○

پڪاڙڪون - ايراضي - زمين جو خطو

جڙيم جوڳ جڙاءُ
پريا وڏ ورھ جا.
نڪا پروڙ پرين کي، نڪي لوڪ لڪاءُ!
پريا وڏ ورھ جا.
ساھن سين سرير ۾، سھسين گوندر گھاءُ.
پريا وڏ ورھ جا.
نيرا نا ئي نيڻ مون، اندر منجھ اُھاءُ.
پريا وڏ ورھ جا.

○

دل تي نانءُ لڪيل،
ڪُک تي ماٺ مڪلي جي.
مندائتي مُوڪن جا، جوين چنڊ مٿل.
ڪُک تي ماٺ مڪلي جي.
ڪاڙھي، ڪاڙھيو قربن جي، اُسڙڪي ساھ تتل،
ڪُک تي ماٺ مڪلي جي.
جڳ ۾ سونھان سڏجون، پنھنجي گم منزل.
ڪُک تي ماٺ مڪلي جي.

○

تون ۽ آئون،
پٿائي جي پونءَ تي.
ديس جي درد جون
ٽيون دارون، دوائون،
تون ۽ آئون،
پٿائي جي پونءَ تي.
پڙڪي چؤطرف باهه تي
پنهنجو گهر ڪڪائون،
تون ۽ آئون،
پٿائي جي پونءَ تي.
سانديي رکون ساهه ۾
صوفين جون صدائون
تون ۽ آئون،
پٿائي جي پونءَ تي.
ڏات ڏسي تي پئي
ڏهر ۾ ڏسائون،
تون ۽ آئون،
پٿائي جي پونءَ تي.

❍

ساريو سڏڪي پيو 'مهراڻ'، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي!
عشق اِجهاڳيل جاڳرتا جو
سندرتا جا، اي! سرواڻ، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي.
تنهنجون ڳالهيون، گيت ۽ وايون،
سچ، آمرتا ۽ چانڊاڻ، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي.
هيل بهارن پت جهڙ آندي،
روح ۾ ڪيڏي آ پن ڇاڻ، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي.
چيت جدائي من ۾ چيپي آ،
ساهه نه ماپي ساهن ساڻ، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي.
ڪيڏو نيارو، ارڏو پيارو
ريت نياري جو نرماڻ، ساگر تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي.
'سنڌ خدا ۽ ڪينجهر ڪعبو'،
لاڙ سمورو هيڪل هاڻ، 'ساگر' تنهنجي ڪاڻ!
ڌرتيءَ هنجهون هاري ويٺي!

❍

5 اپريل 1998ع تي ارشاد 'ساگر' جي چاليهي تي، "سنڌ خدا ۽ ڪينجهر ڪعبو"، ارشاد ساگر جي سٽ، 'مهراڻ' ساگر جو پٽ.

ساريندي رات سجي،
ننڊ نہ آئي- مون کي!
ڏسي، ڏسي آڏي جا،
ويا ٻارهن وڄي.
ننڊ نہ آئي- مون کي!
چانڊوڪي جو ڀاڪر ڪيڏو!
تارا ٽين لڄي.
ننڊ نہ آئي- مون کي!
چٽني پهرن پاند پسايا،
ويئي رات ڀڄي.
ننڊ نہ آئي- مون کي!
ڪير چوي تو وقت سان!
ويندي دل ڪڄي،
ننڊ نہ آئي- مونکي!

❍

محبت جو ساهس چاهي؟
پاڻ تي ويساهہ اٿس!
ساٿ وڃايل هيڪل ماڻهو
پنهنجي منهن پيو ڪاهي،
پاڻ تي ويساهہ اٿس!
پاڻ عوامي انگل شاهي،
عشق عجب دستور نباهي،
پاڻ تي ويساهہ اٿس!
دل ناهي ڪا سنڌي وسندي،
سرڪار چڙهي جا پل ۾ ڊاهي،
پاڻ تي ويساهہ اٿس!
ڪڪرن جي راتاهي مان،
چنڊ لُڪي تو رستو ناهي،
پاڻ تي ويساهہ اٿس!
ورد اکين جو روز اوسئڙا،
باب ڪڏهن هي ڪُٽو ناهي.
پاڻ تي ويساهہ اٿس!

❍

رهڻي ناهي رات،
تارن جي آ تڙپ اجائي.
سانجهي جا سپ خواب ٻُري پيا،
ساپيان ٿي پرپات.
تارن جي آ تڙپ اجائي.
دل جي ٻوٽيل در کان ٻاهر،
سچ جي کهڙِي لات،
تارن جي آ تڙپ اجائي.
چانڊوڪي جو درد نيارو
اونداهه ڪائي مات.
تارن جي آ تڙپ اجائي.

○

www.sindhsalamat.com

ڏاڍن جو ڏهڪاءُ!
ڏاريندو نہ ڏيهہ کي!
پونءَ جي پٽڪي مان، سُجي ٿو سهڪاءُ!
پاڻ ڦرئي ڪان پوءِ پلا، کهڙو رک رکاءُ!
واسجي ايندي آزادي، منجهان رت هڳاءُ!
ڏاريندو نہ ڏيهہ کي!
ڏاڍن جو ڏهڪاءُ!

○

www.sindhsalamat.com

ساھ نہ آ ٿانيڪو،
واڻڙا ويڄ اسان جا.
آيرن جي اُٽ تڙ جو،
ڪَٿ نہ ڪوئي ڳاڻيٽو.
واڻڙا ويڄ اسان جا.
زخم جي موسم اڃا نہ بدلي،
آمن لڏي ويو لاڳيتو.
واڻڙا ويڄ اسان جا.
آواز جون ٻتيون، اُجهاڻيون،
لوڪ سڄو ٿيو ماڻيٽو.
واڻڙا ويڄ اسان جا.

○

مند ڪروڌي ماُرو ٻوڙيا،
ڪيڏي سندّ ڏکاري- الا! اڪيون آرتو آگم!
ڪونہ رهيو ڪو ساٿ سگهيٽو
هيڪل هاري ناري- ڪيڏي سندّ ڏکاري!
الا! اڪيون آرتو آگم!
ڪامورن ڪئي ڪرپا ويتر،
ڪڙڪي قيامت ڪاري- ڪيڏي سندّ ڏکاري!
الا! اڪيون آرتو آگم!
ُپوک ٻڏي ۽ نجهرا ٻهي ويا،
مينهن مري وئي پياري- ڪيڏي سندّ ڏکاري!
الا! اڪيون آرتو آگم!

ناهي ڇپر جي ڇانوَ ڪٿي ڪا،
چرئي چر چوڌاري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

تپ ۾ تڙپي ٻالڪ پيو ٿو
گيسترو ۾ گهرواري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

پوڻءَ تي ٻي آسرا ٻڪايل،
امداد نہ ملي سرڪاري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

اين جي اوز جي عيد مچي وئي،
ٻي گهر ٻٽيا ٻڪاري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

دربدري جي ڏؤر جي هرڪا،
ڪٿا آ دردن واري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

چوماسي آهن لاش لتاڙيا،
سانوڻ آهي مياري- ڪيڏي سنڌ ڏڪاري!
الا! اڪيون اَرتو آگم!

○

(2011ع واري برساتي ۽ هٿراڏو ٻوڏ)

سنڌ منهنجي امان! جيئي جيجل سدا!
شل! نہ ڪانئر ڄمي،
ڪڙم تنهنجي منجهان، سنڌ منهنجي امان.
جيئي جيجل سدا!
سڦل زندگي ٿئي،
گيت تنهنجا لکان، سنڌ منهنجي امان،
جيئي جيجل سدا!
هر جنم ۾ امڙ،
ڄائي تنهنجي هجان، سنڌ منهنجي امان،
جيئي جيجل سدا!
جُهڪان تنهنجي آڏو،
مٿي تنهنجي چمان، سنڌ منهنجي امان،
جيئي جيجل سدا!

○

ٿي گهائل گهٽائون،
اسين هلندا رهياسون!
گُهليون منهن مقابل، مخالف هوائون.
اسين هلندا رهياسون!
پٿون پيار پنهنجو، رتو چاڑ صدائون.
اسين هلندا رهياسون!
چپ چاپ سهي سپ، سنگسار سزائون.
اسين هلندا رهياسون!
اسان ساهہ سلهاڙي، رکيون بس وفائون.
اسين هلندا رهياسون!
اسين هلندا رهياسون!

○

بيت

جي تون پسين پاڻ کي، تو ۾ مان موجود،
منهنجو ناهه وجود، تون ئي سڀ ڪجهه سپرين!

❍

منهنجو تون اُهڃاڻ، منهنجي ساڃاهه توسين،
جي تون ڳولين پاڻ کي، ٿئي مون سڃاڻ
اڃا تون اڻ ڄاڻ، پاڻ نه لهين پاڻ کي.

❍

جتي ڪوٽ نه ڪُنگرا، اُتي ستيون ستَ رکن،
پنوهاريون پکن ۾، ڄڻ ڪي چنڊ ٻکن،
لکن مان لکن، لوئي ڪنهن نه لڄائي.

❍

سنڌڙي تنهنجا سور، وڃن روز ٻيڻا ٿيو،
انساني احساسن جا، آدرش سڀ بي نور،
مارو، ماندا، ملور، ڏکن ڇڏيا آهن نهوڙي.

❍

ايندو نيٺ ُيومي تي، مجيّدي تنهنجو انقلاب،
لهندا سڀ نقاب، ٿُلهن، موٽن جي مُک تان!

❍

سرمائيداري نظام جا، ُيرن پيا ڏاڪا،
”تحرير اسڪوائر“ ۾ واڪا، پڙاڏو ”وال اسٽريٽ“ تي.

❍

ڌرتي جي گولي تي، بي روزگاري ٻي ٻُک،
”راجا“* ڪن خودڪشيون، راڻيون ڏسن ڏک،
ڪڏهن ڏيندين سک، مالڪ! مارو لوڪ کي.

❍

ٻونگر جي ٻونءَ تي، وڙڪن چنيسر چرياٻ جا،
خبر ڏيو دودي کي، ڪريو ديس ٻلي،
ڌرتي ٿئي ڌٽيڪي، ڌارين کي ڌڪي،
قوم ٻئي سڏي، ڪيو ڪٽڪ علاؤ الدين جو.

❍

منهنجي هي ذات، آزادي جو سنيهو
اونداهي دل ۾، ٻاري ٿي ڏيئو
جيئو جيئڻ ڏيو، خدا جي هن خلق کي.

❍

مون کي ڏئي ذات تي، ڏک ۾ ڏاڍو ڏڍ،
اندر منهنجو اڏ، جبر ڏسان ٿي جڳ ۾.

* راجا رند جنهن روزگار نه ملڻ ڪري اسلام آباد ۾ خودڪشي ڪئي.

درد اسان جي دل سان ڪيڏي، جيئن ڪيتائي ٻار،
ڏک، ڏک هي سنسار، مُوکي چپن تي ڪوڙي.

○

ڏاڍا تنهنجي ڏاڍ ڪان، اسين آهيون ڏاڍا،
ونديندين ڇا واڍا؟ اسان جون پاڙون پاتال ۾.

○

منهنجا بيت وايون، ويهي سنڌو ڪپ تي،
ماروئڙن جي ڳايون، لهندو قرض ڌرتيءَ جو.

○

گيڙو ويس ڪري، منهنجا هي غزل،
ماڻيندا منزل، ديس هن دلدار ۾.

○

سُڄت ڪري سوچ، اَڏيون جهوڪ 'عنايت' جئن،
ساهه ۾ سانڍي 'لطيف' جي، انقلابي لوچ،
'بگٽي' ٿي بلوچ، آڻيون آجپو ديس جو!

○

جذبن تي شبنم، روح ٿا رڙيون ڪن،
پيلي ويا پونءَ ڪي، همدرد ۽ همدم،
رهبر ڦري رهزن ٿيا، هيڻن تي ستم،
هيڏا ڏسي ظلم، آڻيو اَجگر انقلاب.

www.sindhsalamat.com

نيرانا ئي نيڻ - مريم مجيدي

○

اَرپي وينيس آئون، 'نيرانا ئي نيڻ'،
سڄڻ ڏيئي ويڻ، وڏو مَ رم مامري.

○

اَرپي وينيس آئون، 'نيرانا ئي نيڻ'،
ماڪ پچائي ريڻ، اکين لڙڪ وڄايا.

○

نيرانا ئي نيڻ ڪٽي، ووڙيان وِرهه رُڃ،
هڪ سِڪ ٻي سُڄ، ٿي آس اُڪنڊي ساجن!

○

نيرانا ئي نيڻ مون، سِڪ جا اُڀري سج لٿا،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، جذبا ڪين ٿڪا،
ساهه ۾ سور سٿا، اکيون مُوکن آس ۾!

○

پنهنجو پيار ريجالو ورهه ۾ وڙڪي،
ياد دُکي دل ۾، باهه ٿيو ڀڙڪي،
تڙپي ۽ ڌڙڪي، سڄڻ، تنهن جي سار ۾

○

جُڳ جُڳاندر سدا، جيئي منهنجي سنڌ
جيجل جي ناموس تان، واري ڇڏيان جند،
آزاديءَ جو پنڌ، اُڪلايان اکين سين!

www.sindhsalamat.com



ٻه سٽا اڍائي اکر

اسين بدلجي وياسون، نُنهن کان چوٽي تائين،
اجا توکي سارڻ جي عادت آ ساڳي سائين!

اسان جي وجود جا چٽن پيا تا پن،
اُڳهاڙو ڪيڏو اڃ هي ٿي پيو آ من!

اجا ظلم ساڳيا جڳ ۾ اجا ظالم يي ساڳيا،
پر هاڻ نه رهندا ماروئڙا مظلوم ٿي ساڳيا.

اسان جي ديس ۾ وهنوار وڏي ويو ڪوڙ جو آهي،
سَنَدَ ڪوڙي، چهرا ڪوڙا ۽ سچ يي ڪوڙ پيو ٿاهي.

اي دوست! عشق ۾ رکي ليکا ڳڻين هڪ، ٻه، ٽي، چار تون پيارا،
پنهنجو ڇڏ پاڻ تون آرپي رکين کهڙا ويچار تون پيارا.

صبح جي سينڌ ۾ سينڌر ڳاڙهو شام گلابي گل آهي،
چاهه سڱنڌيو سڱداسي، ساهه سرنهن جو گل آهي.

رات سُتي ۾ خواب سندر، ڏينهن ڏٺي جو سراب تنهنجا،
ڌرتي ساري سوال آهي، اُبتا سُبتا جواب تنهنجا.

○

چو پيار ڪري پڇتايان، ويٺي نينهن نڀايان؟
هي تہ حياتي هڪڙي ، اهڙيون لک وڃايان!

هئا جي خواب نيڻن ۾ پاٽيءَ جان ڪومل ڪونئرا،
نہ ٿيا پورا ڳڙيا اک مان پيا تي درد جا ڳوڙها.

اُجري آس ۾ هو عڪس ڪنهن بي لوث محبت جو
ويو ٿي زهر جو شامل اميدن ۾ آحسرت جو؟

اوهان جي دل هئي پٿر وئين تون ديوتا بڻجي،
اسان جو من مکڻ مثل، رڳو ماٿو سگهياسين ٽي.

ڏات اسان جي نياري، سنڌ اسان جي پياري،
تڪيون منيون ڳالهيون، سوچ سين تي ياري.

اسان پيار جي پوک پوکي ڇڏي آ،
ڇڏيو پيلي يا ڪريو لاپ پيارا.

اسين تيز طوفان آڏو ڏيئو تي ٻرياسون،
ڪڏهن ڪوڪ ڪوئل ڪُنل ڪڏهن عشق جي آڳ ٿياسون.
❍

اسان پيي سَنو آ،
اسان پيي رنو آ،
اوهان جي غمن ڪي ڏسي او سکي!
اسان جي هي دل آهي ڏاڍي ڏکي!

جوانڙ جذبا،
بهار جهڙا،
خوشين کي پاڪر وجهي هلن پيا،
نٿا هو ڄاڻن فريب جڳ جا.

اسان جو اڱڻ،
اوهان بن سڃڻ!
لڳي ڪيڏو هيڪل سُڃو ۽ اُداس!
اسين آهيون ڌرتي، اوهين چنڊ آڪاس!

جن سگھ ڏني،
۽ ساڃاھ ڏني،
سي درد نہ آھن اڄ جا پيارا،
ھي گدو بندر آھن صدين جا.

ذات ڏکويل ڏيھ جي،
سچ جي ساٽيھ جي،
پيٽا لاءِ جا مون آندي،
آھي بقا ھن قوم سَندي!

توکي سنڌ سڏي،
اچ مفاھمت چڏي!
کو قومي فرض نباھي وڃ!
جيجل جو قرض بہ لاھي وڃ!

ويو وقت گذري،
ائين ھٿ مان نڪري،
زندگي تدارڪن جي ڳوٺ ۾ وئي رُلي،
جڻ گھٽي جي دز ھئي جا ڏُوڙ ۾ وئي ملي.

نڪي ساھ تڪيو
نہ ويساھ پتڪيو
ڪين تڪاسون تانگھ ۾ توڙي،
روح ويو ٿي رت چاڻ سجو ڙي!

صوفين جو ازم،
سنڌ جو آ پرم،
عشق، اَمن ۽ انسانيت جي ھي آ سرزمين،
ويري تون پائيچاري کي ٿو ڪانئرتا سمجھين.

ڏرتي ڪارڻ جهيڙا،
ڪونڌرن ڪنڌ ڪپايا،
صدين کان پيا هي نپائن رسم،
سنڌ امان تنهنجي سينڌ جو قسم!

پيليل پاوَ نائن ۾،
۽ گوندر گهٽائن ۾،
اسان جا ساهه سورن جا سنگهر ٿيا هن،
ڏٿل بي روح تاريخي ڪنڌر ٿيا هن!
○

ترويني / ٽيڙو

قومون آزاد به ٿينديون آهن،
قومون ته غلام به ٿينديون آهن،
پر اسان قوم نہ آهيون ٿي سگهيا اجا.

o

گوريلا ٿي شعر وڙهن ٿا،
سوچن ۾ بارود پرين ٿا،
بوليءَ ماءُ جي لولي ڪارڻ.

o

آڪاش جي اُجري جوين جهڙي،
آس اکين ۾ اُسري اهڙي،
جو سقراط سڏياسون جڳ ۾!

o

پڪوڙيل مُٺ جمهوريت جي،
پروڙي سگهياسون نہ پرولي،
حيراني ۾ اڄ هرڪو آهي.

o

دردن ۾ ٿيا خود ڪفيل آهيون،
وڏو احسان اوهان جو آهي،
ڪهڙا، ڪهڙا ٿورا مڃيون اسين.

o

مڙيا مڇ مانگر ڪلاچي جي ڪن تي،
پيون روز ورچڻ جون هامون لڳڻ،
مفاهمت جي ماٺار ۾ اسين گم آهيون.

o

عشق ازل کان آهي الهام،
ضرورت هٿان ٿي ضرورت غلام،
تڏهن هي به خسيس ٿي ويو آ.

o

اکيون اسان جون اجا اُجايون،
'نيرانائي نيڻ' اسان جا،
اوهان نہ آيا، اوهان نہ آيا.

o

آواز بهادر ٿي پيا آهن،
ساهن ۾ ٿا سج چمّن،
مايوس منن جي عمارت ۾.

○

ٻول ٻُڌين ٿو آواز گهٽين ٿو
ٻولي ماءُ جي لولي ڪارڻ،
ويري توسان جهيڙو آهي.

○

ڇهريون، ڳهريون ڳالهيون ناهن،
خيال خماريل خوشيون گم،
جڏهن ڪان آ رٺو ساجن!

○

سنڌ منهنجي ماءُ،
مارئي منهنجي پيڻ ِمٺي،
هوشو آهي پياءُ!

○

ڪبيرا تنهنجي واٽي،
ائين مون لاءِ آهي جيئن،
پَوتر سنڌو پاٽي.

○

باهو جي پونءَ،
دهشت جي دونهين ۾
بمن جي بدبونءَ.

○

تنهنجو منهنجو گهر،
پٽين هوندي بي آسرو
اُپٽيل سارا در.

○

سيڪي مڪئي سنگ،
جيئڻ ڪارڻ جيڏيون،
جوٽي ويٺو جنگ!

○

سائين جو سلام،
ووٽ وڏو پيتي ۾،
ماڻهو چڙ غلام.

○

آزاديءَ جو اگهه،
سودا چُڪائڻ سنڌ جا،
ڪانئر ڪهڙي سگهه!

○

ڳڙي پيا ڳوڙها،
ڏڪوئل جيجل ماءُ جڏهن،
ٻچا سنڌو ۾ اُڇلايا.

○

ڪنهن جا ڪونئرا پير،
گهمي آيا ڳوٺ مان،
ڳولي ڳاڙها پير.

○

اسان جي سڃاڻ،
هي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي،
عظمت جا اهڃاڻ.

○

www.sindhsalamat.com

ماڻهو ناهي مهان،
عمل تو ناهي ان ڪي،
سڏجي تو انسان.

○

ڪيڏو ڏاهو مهان،
ٻاري لالٽين ڏينهن جو*
ڳوليو ٿي انسان،

○

ڪهڙا پٽ ڄڻيا،
ماءُ جي ڪُک لاءِ آهن،
جيڪي گار بڻيا.

○

لڪي لياڪا پائي،
چنڊ ويهي تارن وچ ۾،
ڪيڏو پاڻ پڏائي!

○

آئون ۽ غزل،
ٻئي ڳولائو موتين جا،
آهيون هنجهه مثل.

○

* نوٽ (اٿينس جو ڏاهو ڊيو جانس.)

www.sindhsalamat.com

منھنجا هي اباڻا،
پنھنجي ئي ڌيھ ۾،
ڪيڏا آهن ويڳاڻا.
❍

رلي چانئون ٻٽي،
تنگين - تياس تي پارن مٿان،
اصل ڏرتيءَ ڏٽي!
❍

دل جي ڏوڙ سان،
اڱر ڏُڪايان پيار جا،
توسان جي ملان!
❍

پورهيت جو پگھر،
پيو جنساري جڳ سارو،
پاڻ اُجارو اَبر.
❍

آهين تون ترُخان،
آرغونن وانگر تنھنجو هٿ،
رهڻو ناهي نشان.
❍

بيشڪ! اجا آهين ڏاريو
تڏهن، سُنڌي قومي ٻولي جو بل،
تو ناهي منظور ڪرايو.
❍

پسي عمرڪوٽ،
اندر منھنجو اڏ ٿيو
وقت ڪاڏي موٽ.
❍

يادن جا جُھڙ،
لهن نتا روح تان،
هر وقت ڦُڙ ڦڙ.
❍

مون ڪان وسرين ڪين،
وقت اها ڏيندو ثابتي،
منھنجو تي امينَ!
❍

پاڻ تيون پر جهلو
ڳڏ جي هلون هڪ ٻئي سان
وقت ويندو هليو!
❍

اسيمبلي جو هال
ڪرسين تي ويٺل قبرون
موروثي، مايا مال.
❍

چار سٽا / پنج سٽا

پوري چو ٿي آهين گوري؟
اڄا ٿي سڏجين تون ڪمزوري،
سي ئي جڳ ۾ ٿين سوپارا،
پاڻ مڃايو جن آ زوري.

○

اسان جي سپيتا ۾ سوپيا الا!
ڪلهي تي اجرڪون ۽ کهنبا پلا،
وٽي واه! دل کي ٿي دانگي ڪُني،
چڙهن روز جن ۾ پيا ڪرڙا، پلا!

○

تنهنجي چاهت ۽ نڪ ڦُلي،
ڪانئر ويو آهہ گروي رکي،
لڄّ بچائي ڪين سگهيو هُو
ڪنڌ بچائي ويو آ سکي!

○

اُتي ماڳ ملندو جتي پنڌ ُپڄندا،
سڃايون ڪٽي جي اوهان ساڻ هلندا،
متان ڇئو مري ويا سويرا ۽ سويون،
پرهہ باک ڦٽندي اجهو رنگ رچندا.

❍

مينهن پَوڻ ڪان پوءِ جانب،
تڙڪي ۾ آ ڪيڏو تجلو،
نيڻ وَسن پيا سالن ڪان پر،
جيون ساڳيو ميرو گدلو.

❍

نيرانائي نيڻ - مريم مجيدي

سنڌ! جي ساک سڳنڌ ڇوان،
يا ماروئڙن جي جند ڇوان،
سچ جا سورهيہ ساٿي! توکي!
رند ڇوان يا سنڌ ڇوان!

❍

ست اپريل ويهه سو ٽي ۾ هو[1]
ڪو وڻ جهوريو طوفان ڳُهليو
منهنجي دنيا ڪک پن ٿي وئي،
مون کان وڇڙي ويو ساهه سڳو.

❍

سنڌ اسان جي، سنڌ اوهان جي،
سڀني سنڌين جو آهي ماڳ،
ڪو ڏور رهي ڪو ڀاڪر ۾،
پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو ڀاڳ!

❍

تنهنجي[2] پڇاڙان سچ رنو
دم روشنيءَ ڦٿڪي ڏنو
ٽڙپيو ضميرن جو ذهن،
سچ وري ٿيو چورو چنو.

1. بابا جن جو وڇوڙو 7 اپريل 2003ع

2. محترمہ جي شهادت 27 ڊسمبر 2007ع

❍

نيرانا ئي نيڻ - مريم مجيدي

نصيب جون غريب اکيون،
ڏک ڏسي، ڏسي ٿڪيون،
سک وٺي ويا روڄ وڏو
نعرا هٽنديون رهيون گهٽيون!

❍

جي لنڊن ۾ تون آهين،
انگريزي ۾ ٿو ڳالهائين،
سنڌ جو ڄائو سڏائين،
سنڌي ڇو نہ ٿو ڳالهائين؟

❍

نہ مايوس نہ اُداس آهيان،
نہ ئي ڪو وري حشاش آهيان،
رڳو بس هڪ انسان آهيان،
۽ ماڻهپي جو واس آهيان.

❍

احتجاج ڪري تي خاموشي،
احساس جا نعرا تڙپن،
* "تراتاني" جي ڳوڙهن ۾ اڄ،
اعلان بغاوت جا ٿا پڙڪن!

❍

دل جي حدن تي اوهان جي خدائي!
دل جي اندر ۾ اوهان جي جدائي،
ٻئي ڳالهه هڪڙي ته ناهن سڄڻ!
پر ٻنهي مان ٿي پسجي اوهان جي وڏائي!

❍

* تراتاني ' پهاڙي غارن جو سلسلو جت 26 آگسٽ 2006ع تي نواب اڪبر بگٽي جي شهادت ٿي

دعا

منهنجي پياري، سهڻي ساراهه،[1]
کهڙِي ڪريان تنهنجي ساراهه،[2]
جنهن وات مٿان تون وڪ ڏرين،
توکي ماڳ رسائي سا راهه![3]

❍

1 نالو 2 واکاڻ 3 اها وات

اي ! زندگي تو وٽ اچي،
چو؟ موٽ ڪائي ٿي وڃان،
موج آهيان جڙ سمنڊ جي
وير وانگي ٿي وران!

○

ساري جڳ کي جاڳ ڏياري، پوءِ آئون سمهي پونديس
ڪائنات کي سُک ڏياري، پوءِ آئون سمهي پونديس
سنڌ امڙ جي هنج سدوري ۾ پاڻ لڪائي، پيارا،
توکي پنهنجي ياد ڏياري، پوءِ آئون سمهي پونديس!

○

[1]سنڌ امڙ جو سورهيہ پٽ سوڍو
واهہ! بشير خان قريشي جوڌو
سرواڻ فريڊم مارچ جو آ،
هي اڄ جو هوشو اڄ جو دودو!

ڪڏهن رات سان نينهن لائي ڏسو
انهيءَ درد کي آزمائي ڏسو
ڏنو زندگي واڪ نيلام جو آ
جيئڻ جو بہ ڪو اگهہ چڪائي ڏسو

'امان جندو' جي جذبي کي آ جس
ڪو خوف نہ لالچ جهڪائي سگهيس،
جابر آڏو پاڻ جبل ٿي بيٺي،
مات ڏئي آمر کي ڪيائين بيوس!

[2]لياري لڙڪ تنهنجا اُگهي ڪير سگهندو؟
وفاداري ۾ ايئن وڏ سهي ڪير سگهندو؟
ڪٽي ٿي لاش پنهنجي ٻچن جا ماءُ پئي
اکين ڪان سپ وڏا ٿيا ڏسي ڪير سگهندو؟

---

1. 23 مارچ 2012ع تي ڪراچي ۾ فريڊم مارچ.

2. حڪومت پاران لياري (ڪراچي) ۾ ڪيترن ڏينهن کان هلندڙ ناحق آپريشن 2012ع.

○

قومي جذبو ۽ لوچ هئي،
هُوءَ جاڳرتا جي سوچ هئي،
سنڌ امڙ جو آواز بڻي،
جيجي زرينہ بلوچ هئي!

○

'پليجو' انقلاب آهي،
فڪر ۾ لاجواب آهي،
سپہ سالار سنڌڙيءَ جو
سين ۾ گُل گلاب آهي.

○

سجي سنڌ ۾ جا سچي سوچ جاڳي،
جدوجهد، تحريڪ ۽ لوچ جاڳي،
جڏهن تي آزادي جو آواز قومي،
هئي جيجي زرينہ بلوچ جاڳي!

○

ڏکويل ذات تي ڏسجي،
لطيفي لات تي ڏسجي،
ڦُچاٽي سوپ تي ٿيندي،
هينئر جي مات تي ڏسجي.

○

بوڏ اَجها، گهر پوڙي ويئي،
رشتا، ناتا توڙي ويئي،
مال متاع ۽ ميڙي، چوندي،
ساوڪ، ساهہ اُکوڙي ويئي.

○

تبديلي جا پاڙ سفير ٿيون،
روشن منزل جي تقدير ٿيون،
ووڙن سان هي بدلايون دنيا،
پوتارن جا ڪين اَسير ٿيون!

○

نينهن تنهنجي جون نمازون،
قرب تنهنجي جا قيام،
سڪّ جا سجدا ڪياسون،
عشق هو پنهنجو امام!
○

وفائن جي گس تي وياڪل ٿياسون،
مئاسون، جئاسون تہ بہ توسان رهياسون،
ٻُري پيند ٻڄي پنڙ ۾ ٻنجهو جئن،
ائين سڪّ جي سينور ۾ ٻُوندا وياسون.
○

ساٿيهہ ۾ سڄڻ! وسرڻ ممڪن ناهي!
ساهہ ڪڍڻ کي چا وساري سگهبو آ؟
ڇا؟ اُس اُتت کي ڪو ٽاري سگهبو آ.
سج جو رات ۾ نڪرڻ ممڪن ناهي!
ساٿيهہ ۾ سڄڻ! وسرڻ ممڪن ناهي!
○

چانڊوڪي ۾ جيئڻ ديپ وياڪل،
اُجڙيل پن ڇڻ ۾ سرد سيارا،
پنهنجو جيون اهڙو پيارا،
ڪوڪ ڪوئل جي گهائل، گهائل،
چانڊوڪي ۾ جيئڻ ديپ وياڪل!
○

اوهان جي اسان وٽ رهي آ نشاني،
چلڙو نہ گل ڪو نہ ڪوئي ڪتاب،
لکيل خط بہ ڪونهي نہ ڪو آهہ خواب،
اَڌورا پہ پل ۾ رُتل هڪ ڪهاڻي،
اوهان جي اسان وٽ رهي آ نشاني!
○

توکان وڇڙڻ جو نہ سبب ڄاڻي سگهياسون،
عشق ۾ جي پل پنهنجا شبنمي ڪومل هئا،
سي لمحا تو بن سڄڻ! اجنبي بنجي ويا،
آلاڻ اکين ۾ نہ اسين آڻي سگهياسون،
توکان وڇڙڻ جو نہ سبب ڄاڻي سگهياسون.
○

اچ! ڳڏجي درد ونڊايون پيارا،
هي صديون سنڌ سنڀاليا آهن،
تاريخ ڪُکن ۾ پاليا آهن،
آڪاش ۾ جيئڻ چڻ ڪير ڏارا،
اچ! ڳڏجي درد ونڊايون پيارا.
○

تاريخ جو رخّ نه موڙي سگهندين،
ٻُڌ اي ڪانئر! سنڌين جا ويري،
سنڌ اَمڙ ڏانهن نه ڪڻ اک ميري،
مڪلي کي ڪين اُکوڙي سگهندين،
تاريخ جو رخّ نه موڙي سگهندين!
○

سڄڻ! توکان شڪايت آ،
نڪو سمجهي سگهي آهيان،
نه سمجهائي سگهان ٿي مان!
مگر هڪڙي شڪايت آ،
سڄڻ! توکان شڪايت آ.
○


View of Keenjhar Lake at Thatta

ترائيل

سانگ ڪريو پيا ڪيڏو هر هرا!
هٿ جون ناهي ڪاريون، ڪارا.
انسانيت جا ٽا ٻوٽيو در.
سانگ ڪريو پيا ڪيڏو هرهرا!
ڏاهپ جا ٽا سڏجو گهر،
قول فعل ۾ ڪوڙ نسورا،
انسانيت جا ٽا ٻوٽيو در
هٿ جون ناهي ڪاريون، ڪارا.

❍

(جرڳائي فيصلن خلاف)

لڙڪ لتاڙي نظرون موٽيون،
توکي جڳ ۾ جت ڪٿ ڳولي،
سال، مهينا، مندون موٽيون،
لڙڪ لتاڙي نظرون موٽيون!
ساڳيا ٿِڙ ۽ عيدون موٽيون،
باب وڇوڙيل ڏک جا کولي،
لڙڪ لتاڙي نظرون موٽيون!
توکي جڳ ۾ جت ڪٿي ڳولي!!!

❍

(بابا محمد خان مجيدي جن جي پنجين ورسي تي)